
# راجا ڏاهر

## تاريخ ۽ زندگيءَ جو احوال



سرمد لطيف

# راجا ڏاهر

سهيڙيندڙ

سرمد لطيف

سنڌ بڪ ڪلب

نوابشاهہ / حيدرآباد

ڪتاب جو نالو: راجا ڏاهر
سهيڙيندڙ: سرمد لطيف
ڇاپو پهريون: سال 2003ع
پبلشر: احمد ضياء
سنڌ بڪ ڪلب - نوابشاهه/حيدرآباد
لکپڙهه لا ائڊريس: ”سيل پوائنٽ سنڌ بڪ ڪلب
مريم روڊ نزد فائر برگيڊ نوابشاهه
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاکیزہ پرنٹنگ پریس نگاہ مدینہ مسجد نزد لجپت روڈ حیدرآباد موبائل نمبر:0321-3016265

Book:RAJA DAHAR
Compiled by: Sarmad Latif
First Edition: 2003 A.D
Publisher: Ahmed Zia
Sindh Book Club,Nawabshah/ Hyderabad
Postal Address: "Cell Point Sindh Book Club"
Maryam Road, Near Fire Brigade, Nawabshah

# سٽاءَ

1- سنڌ ۽ سنڌو درياهہ
2- راءِ حڪومت
3- ايرانين جو حملو
4- راءِ سهاسي
5- چچ جي آمد
6- چچ جي وزارت
7- راڻي جي صلاح
8- راجا چچ جي حڪومت
9- چچ جي ڀاءُ چندر جي مقرري
10- اسڪلنده جي فتح
11- ملتان جي فتح
12- الور جي واپسي
13- سيوستان ڏانهن روانگي
14- برهمڻ آباد جي حاڪم ڏانهن پيغام
15- برهمڻ آباد جي فتح
16- چچ جي ٻي شادي
17- ڪرمان تي حملو
18- قندابيل جي فتح
19- چچ جي وفات
20- راجا ڏاهر سنڌ جي سورهيہ جي زندگيءَ جو احوال
21- راجا ڏاهر تي لڳندڙ بهتان
22- نتيجا

# اداري پاران

سنڌ بڪ ڪلب اهو ادارو آهي جنهن جي مقصدن ۾ اها ڳالهه واضح آهي تہ وڌ کان وڌ سنڌي پڙهندڙ پائرن تائين اهڙو مواد پهچائجي جيڪو معياري ۽ مفيد هجي.

اسان ابتدا کان وٺي اها ڪوشش ڪئي آهي تہ نہ رڳو هڪ پاسي اوهان جي علمي، اخلاقي، مذهبي ۽ سماجي شعور جي آبياري ڪجي پر انهيءَ سان گڏ اسان جي اها بہ ڪوشش آهي تہ سنڌ جي سورهين، سرويچن، درويشن، عالمن، مفڪرن ۽ ڏاهن جي اعليٰ ڪارنامن تي مختلف ڪتاب ۽ مواد وقت بہ وقت سنڌي پڙهندڙن کي پهچائيندا رهون. ان لاءِ هن کان اڳ ۾ اسان سنڌ جي ٻن درويش بزرگن حضرت لعل شهباز قلندر رحہ ۽ وتايو فقير تي پنهنجي اداري پاران ڪتاب مارڪيٽ ۾ آڻي چڪا آهيون ۽ انهيءَ سان گڏ هاڻ هڪ قدم اڳتي وڌندي سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان هڪ ٻئي سورهيہ ڪردار راجا ڏاهر تي پڻ هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي ۽ اسان جي ڪوشش هوندي تہ آئنده بہ اوهان کي سنڌ جي تاريخ توڙي شخصيتن ۽ اعليٰ ڪردارن کان واقف ڪرڻ لاءِ مختلف قسم جو مواد آڻيندا رهون پر انهيءَ لاءِ اوهان جي مثبت موٽ جا منتظر رهنداسين:

**ادارو**
**سنڌ بڪ ڪلب**
**نوابشاهہ/حيدرآباد**

# سهڙيندڙ پاران ڪجھ لفظ

تاريخ هڪ اهڙو سبجيڪٽ آهي جنهن تي لکڻ لاءِ انتهائي احتياط کان ڪم وٺڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته مؤرخ جو قلم هڪ اهڙي تيز ڌار هوندو آهي، جنهن جي وهي وڃڻ ڪانپوءِ اتهاس جا سوين ڪردار گمنامين جي گهٽائن ۾ گم ٿي ويندا آهن ته وري سوين ڪردار گمنامين جي اونداهين مان نڪري چوڏهين جي چنڊ جيان تاريخ جي ورقن ۾ چمڪڻ لڳندا آهن. سنڌ جي تاريخ جي بدنصيبي اها آهي ته اها اڪثر ڪري فاتحن لکي آهي، جنهن ڪري سنڌ جي ڪيترن ئي سورهيه ۽ سرويچ ڪردارن تي گلاٽن جا غلاف چاڙهي ۽ عقيدن جا پردا ڏئي انهن جي ڪارنامن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

سنڌ ۾ عرب حملي آورن جي آمد ته مسلمانن جي ٻئين خليفي جي اقتدار کان وٺي ٿي رهي هئي پر انهيءَ جو انت اچي راجا ڏاهر جي دؤر ۾ ٿيو.

راجا ڏاهر جو ڪردار فاتحن جي درٻاري مؤرخن جي روايتي ذهنيت جي ور چڙهي متنازعه بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي پر هتي اسان ڪوشش ڪئي آهي ته اتهاسي جي آئيني کي چندي ڦوڪي انهيءَ ۾ راجا ڏاهر جي ڪردار کي آڻجي ته جيئن سنڌ جو عوام پاڻ فيصلو ڪري ته راجا ڏاهر ڪيئن هو ۽ ڇا هو؟ بهرالحال تاريخ سورهيائي ۽ سچائي جي انڪاري ڪانهي هڪ نه هڪ ڏينهن سچائي روز روشن جيان ضرور ظاهر ٿي رهندي آهي.

**سرمد لطيف**

# سنڌ ۽ سنڌو درياهه

راجا ڏاهر جي حڪومت جي زماني ۾، جنهن ملڪ کي سنڌ جي نالي سان سڏيو ويندو هو، اهو اولهه ۾ مڪران هو، ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ ۽ گجرات تائين، اوڀر ۾ موجوده مالوه ۽ راجپوتانه تائين ۽ اتر ۾ ملتان کان وٺي ڏکڻ پنجاب جي اندر تائين وسيع هو. عرب انهيءَ سڄي علائقي کي سنڌ چوندا هئا. سنڌ ملڪ ايڏو ته قديم آهي جو انهيءَ جي متعلق اهو به نه ٿو چئي سگهجي ته ڪڏهن کان آهي ۽ انهيءَ جي نالي ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون تبديليون آيون. تاريخ مان صرف ايتري ڄاڻ ملي ٿي ته اڄ کان هزارين سال اڳ جڏهن آريا وچ ايشيا مان اٿي، ايران جي رستي کان هن ملڪ ۾ آيا ته انهيءَ هن ملڪ جو نالو "سنڌو" رکيو ڇو جو آهي پنهنجي ٻوليءَ ۾ درياهه کي "سنڌو" چوندا هئا. شروعات ۾ آهي هن ملڪ کي سنڌو چوندا رهيا، پر پوءِ آهستي آهستي آهي انهيءَ کي سنڌ چوڻ لڳا اهو نالو ايڏو ته مقبول ٿيو جو هزارين سال گذري وڃڻ کان پوءِ به هن جو نالو سنڌ ئي آهي. چوندا آهن ته شروع ۾ آرين سنڌ جا اوسي پاسي وارا علائقا جيترا به فتح ڪيا، انهن سڀني جا نالا سنڌ ئي رکيا، ايستائين جو پنجاب جي سرحد کان به اڳتي وڌي ويا پر نالي ۾ ڪا به تبديلي ڪونه ٿي، جڏهن گنگا تي پهچي ويهي ويا ته ان جو نالو آريه ورت رکيو. پر هندستان کان ٻاهر انهيءَ نالي کي ڪابه شهرت حاصل نه ٿي هئي.

ايرانين پنهنجي لهجي ۾ سنڌ کي "هند" ڪري ڇڏيو ۽ يونانين پنهنجي لهجي ۾ "اند" ڪري ڇڏيو. رومين انهيءَ کي "اند" کان "انڊيا" ڪري ڇڏيو ۽ انگريزي زبان ۾ ڇو ته "دال" نه آهي انهيءَ ڪري اهو "انڊيا" ٿي ويو. سنڌ جو خطو ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، هڪ حصي کي

ڪتاب جو نالو: راجا ڏاهر
سهيڙيندڙ: سرمد لطيف
ڇاپو پهريون: سال 2003ع
پبلشر: احمد ضياء
سنڌ بڪ ڪلب - نوابشاهه/حيدرآباد
لکپڙهه لا ائڊريس: "سيل پوائنٽ سنڌ بڪ ڪلب
مريم روڊ نزد فائر برگيڊ نوابشاهه

پاکیزہ پرنٹنگ پریس لگاہ مدینہ مسجد نزد لجپت روڈ حیدرآباد موبائل نمبر:0321-3016265

Book:RAJA DAHAR
Compiled by: Sarmad Latif
First Edition: 2003 A.D
Publisher: Ahmed Zia
Sindh Book Club,Nawabshah/ Hyderabad
Postal Address: "Cell Point Sindh Book Club"
Maryam Road, Near Fire Brigade, Nawabshah

# راءِ حڪومت

## اسلام جي اڳ کان 632ع تائين

اسلام کان اڳ سنڌ ۾ جيڪي راجا حڪومت ڪندا هئا، اهي راءِ سڏرائيندا هئا. حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي هجرت کان اڳ هتي راءِ حڪومت هئي ۽ هيءُ حڪومت 137 سال تائين رهي، هن حڪومت جا پنج راجا ٿي گذريا هئا. جيڪي عقيدي جي لحاظ کان ٻڌمت جا پيروڪار هئا. انهن جا نالا هي آهن:
(1) راءِ ڏياچ، (2) راءِ سهيرس اول، (3) راءِ سهاسي اول، (4) راءِ سهيرس ثاني، (5) راءِ سهاسي ثاني.

جنهن وقت حضور صلي الله عليہ وسلم مديني شريف ڏانهن هجرت فرمائي تہ ان وقت سنڌ ۾ راءِ سهيرس ثاني جي حڪومت هئي. انهيءَ وقت سنڌ جو گادي جو هنڌ شهر اروڙ هو، اڄ بہ اروڙ نالي جو هڪ ڳوٺ روهڙي کان پنج ميلن جي فاصلي تي ڏکڻ اوڀر ۾ آباد آهي ۽ اتي انهيءَ قديم زماني جا آثار، ايستائين جو محمد بن قاسم جي نهرايل مسجد بہ لڌي آهي.

انهيءَ شهر ۾ عاليشان عمارتون، باغ ۽ هر پاسي ٻنيون ۽ قسمين قسمين جا وڻ هئا. جنهن سان شهر جي خوبصورتي ۽ رونق وڌي وئي هئي. راجا سهيرس نهايت امير ماڻهو هو ۽ انهيءَ جو خزانو مال ۽ دولت سان معمور هو، هو پنهنجي اخلاق۽ ڪردار جي اعتبار کان بہ نهايت نيڪ نالي سان مقبول هو.

هن پنهنجي فراخدلي ۽ سخاوت جي ڪري ماڻهن جون دليون ڪٺي ورتيون هيون. انهيءَ جي عدل و انصاف جي ڪري هر فرد انهيءَ جي،

اطاعت کي پنهنجو مذهبي فرض سمجهندو هو. راجا سهيرس جي حڪومت جون حدون ڪافي وسيع هيون. اتر ۾ ڪشمير، اولهه ۾ مڪران. جنوب ۾ عربي سمنڊ ۽ ديبل ۽ سمنڊ جي ڪناري تائين انهيءَ جي حڪومت ڦهليل هئي. راجا پنهنجي مملڪت کي چئن صوبن ۾ ورهائي ڇڏيو هو:

(1) صوبو برهمڻ آباد: انهيءَ صوبي ۾ نيرون، ديبل، لوهاڻا، لاکهہ، سمہ شامل هئا.

(2) صوبو سيوستان: انهيءَ صوبي ۾ بوڌيا (بوڌي علائقا)، جنڪان، رونجهاڻ ۽ ڪوهہ پايہ کان وٺي مڪران تائين علائقو شامل آهي.

(3) صوبو اسڪلندو: انهيءَ صوبي ۾ ٻهايہ، تلواڙو، چچ پور ۽ ديوه پور جي ڪجهہ زمين شامل هئي.

(4) صوبو ملتان: هن صوبي جي تحت اسڪہ، برهم پور، ڪرور، اشهار ۽ تاڪيہ کان وٺي ڪشمير جي حد تائين علائقا شامل هئا. انهيءَ صوبي جي سرحد ڪشمير سان وڃي ملندي هئي.

هر صوبي تي هڪ گورنر مقرر هو، جيڪو انهيءَ صوبي جي نظام کي هلائيندو هو. راجا پاڻ اروڙ ۾ رهندو هو، هر گورنر کي راجا جو حڪم هو تہ اهي هٿيارن سان پريل رهن تہ جيئن ڪو بہ دشمن حملو نہ ڪري سگهي. انهيءَ سان گڏ اها بہ تاڪيد ڪيل هئي تہ عوام جي مفاد کي سڀ کان اول اهميت ڏني وڃي ۽ پنهنجي علائقن جي حفاظت ڪن ۽ وڏن زميندارن کي بہ مطمئن رکن. راجا سهيرس ثاني جي انهي بهتر انتظام جي ڪري ئي ملڪ ۾ امن امان هو ۽ هڪ ڊگهي عرصي تائين ڪنهن بہ قسم جي بغاوت ۽ سرڪشي ڪنهن طرف کان ظاهر نہ ٿي سگهي.

# ايرانين جو حملو

اوچتو نيمروز (ايران جي بادشاهہ) ڪرمان جي رستي کان سنڌ تي حملو ڪيو ۽ مڪران پهچي، جيڪو انهيءَ وقت سنڌ جي حد ۾ هو، ڦرمار مچائي ڏني ۽ گهڻن ماڻهن کي گرفتار ڪيو. راجا سهيرس کي جڏهن انهيءَ حملي جي خبر پئي تہ هو جلد ئي قلعي اروڙ کان انهيءَ ظلم جو بدلو وٺڻ لاءِ هڪ وڏو لشڪر وٺي مڪران پهتو ۽ دشمن جو وڏي دليري سان مقابلو ڪيو پر راجا سهيرس جي بادشاهي جو سج لهڻ تي هو، بنهي ۾ وڏي لڙائي تي ۽ سهيرس مارجي ويو.

تيو ائين جو راجا سهيرس وڏي شجاعت ۽ بهادري سان وڙهي رهيو هو تہ اتفاق سان هڪ تير اچي راجا جي ڳلي ۾ لڳو. هو اتي ئي ڪري تڏو تي ويو ۽ انهيءَ جي فوج منتشر تي وئي. انهيءَ کان پوءِ نيمروز جي بادشاهہ جي لشڪر ڏاڍي ڦرمار ڪئي. ٻئي ڏينهن سنڌين جو لشڪر گڏ تيو ۽ اروڙ ڏانهن واپس هليو ويو. جڏهن اهو لشڪر اروڙ پهتو ۽ اتان جي ماڻهن کي خبر پئي تہ راجا سهيرس مارجي ويو آهي تہ راجا جي اميرن پاڻ ۾ گڏجي اها صلاح ڪئي تہ راجا سهيرس جي پٽ سهاسي کي تخت تي ويهاريو وڃي ۽ هڪ جشن ترتيب ڏنو وڃي، انهيءَ تي هيرا گهور ڪيا وڃن. انهيءَ لڙائيءَ ۾ سهاسي جي قبضي مان مڪران ۽ بلوچستان جا علائقا نڪري ايرانين جي قبضي ۾ هليا ويا.

# راءِ سهاسي

راءِ سهاسي ثاني بہ پنهنجي پيءُ وانگر ڏاڍو نيڪ هو. عدل ۽ انصاف، اخلاق و ڪردار ڪرم و حلم، تواضع ۽ حسن تدبير ۽ سياست جا گڻ چاڱنڊڙ هو. انهيءَ جي هڪ وڏي خوبي اها بہ هئي تہ هو پنهنجي هر صفت ڪان موقعي جي مناسبت سان ڪم وٺندو هو. هن حڪومت جون واڳون سنڀالڻ ڪان هڪ سال ڪان پوءِ سڄي ملڪ جو دورو ڪيو هر شهر ۾ ويو اتان جي ماڻهن سان مليو، انهن جي ڏکن ۽ تڪليفن جي ڇاڻ ورتي. هر جاءِ تي باغين ۽ شر انگيزن جو خاتمو ڪيو. ملڪ جي حالات ڪان چڱي طرح واقف ٿيڻ ڪان پوءِ هن حڪومت جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ چار جدا جدا قانون مرتب ڪيا ڇئني صوبن جي گورنرن انهيءَ جي آڏو پنهنجو ڪنڌ اطاعت ۾ نوڙايو. اهي چار ضابط هيءُ هئا:

(1) پهريون ضابطو فوجين جي متعلق هو، انهيءَ ۾ هن لکيو هو تہ فوجين جي جيڪا بہ پگهار مقرر ٿئي اها انهن کي وقت ڪان اڳ ملڻ گهرجي.

(2) ٻئين ضابطي ۾ تحرير هو تہ عوام ڪان جيڪو ٽيڪس وغيره ورتو ٿو وڃي اهو ٽن قسطن ۾ وصول ڪرڻ گهرجي. عوام جي مجبورين جي مدنظر هن حڪم ڏنو تہ عوام مان جيڪو ماڻهو نقد جي صورت ۾ ٽيڪس ادا نہ ٿو ڪري سگهي، اهي اروڙ، سيوستان، اوڇ، ماسيلہ ۽ ٻين قلعن کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ڏين، اهڙن ماڻهن جو ٽيڪس انهن جي محنت جي معاوضي ۾ وصول ڪيو ويندو.

(3) ٽئين ضابطي ۾ هن ملڪ جي واپارين کي هدايت ڏني هئي تہ حڪومت جي طرفان انهن تي جيڪو ٽيڪس لاڳو آهي، انهيءَ کي هو ڪنهن بہ نوٽيس وغيره ڪان سواءِ پاڻهي بروقت ادا ڪن.

(4) چوٿون ضابطو ۾ اهل صنعت ڪارن، هنرمندن بابت هو. انهيءَ ضابطي جو تعلق خاص طور انهن پيشه ورن سان هو جيڪي عدالتن (سول سروس)ياڪنهن سرڪاري خدمت جي ادائيگي تي مقرر هئا ۽ پنهنجي خدمتن جي ڪري مختلف شهرن ۾ رهائش پذير هئا.

راءِ سهاسي جو وزير برهمڻ نالي هڪ شخص هو. برهمڻ جو منشي (سيڪريٽري) رام نالي هڪ شخص هو. راجا کي پنهنجي وزير تي ايڏو ته اعتماد هو جو هن انهي کي ڪاري اچي جو سڄو مختيار بڻائي ڇڏيو هو ۽ برهمڻ به پنهنجا فرض نهايت ديانت ۽ احتياط سان انجام ڏئي رهيو هو. رام کي به برهمڻ جي ڪري ئي راءِ سهاسي جي نظر ۾ اعتماد حاصل ٿي ويو هو. ڪڏهن ته ضروري ڪاغذن تي صحيح وٺڻ لاءِ رام محل سرا ۾ ايندو ويندو هو.

# چچ جي آمد

هڪ ڏينهن جڏهن آفيس ۾ برهمڻ ۽ رام وينا هئا. تہ هڪ نوجوان برهمڻ سان ملڻ آيو ۽ ان جي نهايت فصيح ۽ بليغ لفظن ۾ ساراهہ ڪرڻ لڳو. رام انهيءَ کان پڇيو تہ تون ڪير آهين ۽ ڪهڙي مقصد سان آيو آهين. هن جواب ڏنو تہ منهنجو نالو چچ آهي ۽ منهنجي والد جو نالو سيلاج آهي ۽ ڀاءُ جو نالو چندر آهي. منهنجو پيءُ ۽ ڀاءُ انهيءَ شهر اروڙ ۾ هڪ مندر جا پوڄاري آهن. جيڪي راجا ۽ توهان لاءِ هر وقت دعا ڪندا آهن. چو تہ مهاراجہ ۽ توهان جي ڪري سڄي مملڪت ۾ امن و امان آهي. منهنجي دل چيو تہ مان توهان سان ملاقات ڪريان ۽ انهيءَ ملاقات جو هڪ سبب هيءَ بہ آهي تہ ڏاهپ نيڪ نيتي جو دليل آهي. منهنجو خيال هو تہ مان انهيءَ ذريعي سان ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪري سگهندس. چچ اهي ڳالهيون ڪجهہ اهڙي ڍنگ سان ڪيون جو رام ان جي قابليت کان ڏاڍو متاثر ٿيو. رام چيو تہ تنهنجي ڳالهين مان اندازو ٿئي ٿو تہ تون غير معمولي صلاحيت ۽ ڏاهپ جو مالڪ آهين. بيشڪ تنهنجي ڏاهپ ۾ شڪ نہ آهي پر ڇا تون قانون ۽ اخلاق کان بہ واقف آهين؟ چچ جواب ڏنو تہ ڀڳوان جو شڪر آهي تہ مان چئني ويدن جو عالم آهيان ۽ مون چار ئي ويد حفظ ڪيا آهن جيڪا بہ خدمت منهنجي سپرد ڪئي ويندي آئون انهيءَ کي ذميواري، خلوص، ديانت ۽ احتياط سان سرانجام ڏيندس. اتفاق سان جنهن مهل اهي ٻئي ڳالهائي رهيا هئا. سڪ و ديبل کان بہ ٽي ضروري خط وصول ٿيا. جن جو جواب جلد ئي ڏيڻو هو. رام اهي خط چچ کي ڏنا تہ ھو پڙهي ٻڌائي تہ انهن ۾ ڇا لکيل آهي. چچ بهترين طريقي سان ـهن خطن جو مضمون پڙهي ٻڌايو ۽ انهن جو جواب بہ نهايت سٺي

طريقي سان سٺن لفظن ۾ لکي رام اڳيان پيش ڪيائين. رام انهيءَ جي تحريري قابليت تي بہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهيءَ جي ڏاڍي تعريف ڪئي ۽ ڪيس جي انعام سان سرفراز ڪيائين ۽ چيائين تہ تون انهيءَ قابل آهين تہ تون منهنجو نائب ٿي ڪم ڪرين. چچ انهيءَ کي قبول ڪيو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ هو پنهنجي فن ۾ ماهر ٿي ويو.

چچ نائب وزير ٿي ڏاڍي شهرت حاصل ڪئي. ايستائين جو هو خاطو وزير جي نالي سان سڏجڻ لڳو. شهر ۾ هر جاءِ تي هن جي قابليت جي ساراهہ ٿيڻ لڳي. هڪ ڏينهن راجا دربار ۾ هو شهر جا امير ۽ ڪابل سڀ گڏ ويٺا هئا. سيوستان کان ڪجهہ ضروري ڪاغذ آيا. جنهن جو جواب انهيءَ مهل ئي ڏيڻ ضروري هو. راجا جهٽ ئي رام کي طلب ڪيو. اتفاق سان انهيءَ مهل آفيس ۾ رام موجود نہ هو. چچ راجا جي ماڻهن کي چيو تہ رام تہ هن وقت موجود نہ آهي. پر آئون انهيءَ جو نائب آهيان. جيڪڏهن ڪو ضروري ڪم آهي تہ پوءِ مان حاضر آهيان. راجا جي ماڻهن وڃي راجا کي هن جي چيل ڳالهہ ٻڌائي راجا جهٽ ئي چچ کي سڏرايو ۽ اهي ڪاغذ انهيءَ جي حوالي ڪيا. جنهن جو هن بهترين ۽ خوشخط جواب لکيو ۽ ڏاڍي سٺي طريقي سان پيش ڪيو. راجا پاڻ بہ خوشخطي سان دلچسپي رکندو هو ۽ ڏاهپ جي اصولن کان واقف هو. هو چچ جي قابليت کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ انهيءَ جي طرز تحرير کي ڏاڍو پسند ڪيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ جڏهن راجا. رام سان مليو تہ هن چيو تہ تنهنجو نائب تہ ڏاڍو عقلمند. ذهين ۽ خوش قلم آهي. توکي هي اهڙو قابل ماڻهو ڪٿان ملي ويو. تون انهيءَ جو خاص خيال رکندو ڪر ۽ انهيءَ سان نهايت مهربانيءَ سان پيش ايندو ڪر. رام جواب ڏنو. هي سيلاج برهمڻ جو پٽ آهي. تمام گهڻو نيڪ. ديانتدار ۽ تجربيڪار آهي. رام جڏهن اهو ڏٺو تہ راجا. چچ تي ڏاڍو مهربان آهي تہ انهيءَ سيئي وڏا وڏا سرڪاري ڪم انهيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيا. ائين چچ کي راجا جي دربار ۾ وڏا وڏا واسطا حاصل ٿي ويا. هو سلطنت جا ڪم نهايت خوبي سان انجام ڏيندو رهيو. راجا هن کان ڏاڍو خوش هيو. جڏهن بہ هو راجا ڏي ويندو هو تہ راجا انهيءَ جي خوبين ۽ ڪارگذارين جي پيش نظر انهيءَ کي انعامن سان نوازي ڇڏيندو هو ۽ چوندو هو "مون کي ائين ٿو معلوم ٿئي تہ هن نوجوان سان اسان جي ملڪ جي انتظامي حالت صحيح ٿيندي ۽ هي ملڪ جي لاءِ ڪا اهم خدمت انجام ڏيندو."

# چچ جي وزارت

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ رام وفات ڪري ويو. راءِ سهاسي حج کي سڏائي باقاعده وزارت جو قلمدان انهيءَ جي حوالي ڪيو ۽ هو نهايت عمدگيءَ سان وزارت جا ڪم ڪار انجام ڏيندو رهيو. هڪ ڏينهن راءِ سهاسي پنهنجي محل ۾ هو تہ چچ راجا سان ملڻ لاءِ محل ۾ حاضر ٿيو.

راجا انهيءَ کي پنهنجي محل ۾ سڏرايو. جڏهن چچ محل ۾ پهتو تہ انهيءَ وقت راجا سان گڏ راڻي سونهن ديوي ويٺي هئي. چچ جي اچڻ جي خبر راجا کي پئي تہ راڻي کي چيائين، تون پردي ۾ وڃ. چچ اچي رهيو آهي. راڻيءَ چيو ڪيترائي معمولي ماڻهو محل ۾ بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ايندا آهن ۽ چچ تہ برهمڻ آهي. انهيءَ کان پلا پردي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. راءِ سهاسي راڻيءَ جي اها ڳالهہ ٻڌي چپ ٿي ويو ۽ چچ کي سڏايائين. چچ راجا جي سامهون پيش ٿي نهايت ڏاهپ سان پنهنجو مطلب پيش ڪيائين.

چچ هڪ خوبصورت نوجوان هو. انهيءَ جو ڊگهو قد. جسم پريل. ڳل چمڪدار هئا. راڻي سونهن ديوي کي چچ جي حسن و جمال ۽ قابليت ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ هوءَ انهيءَ جي محبت ۾ عقل ۽ هوش وڃائي ويٺي. هن چچ کي ورغلائڻ چاهيو ۽ چورائي موڪليائين تہ جيڪڏهن تون منهنجي محبت کي ٺڪرائيندين تہ پوءِ آئون خودڪشي ڪري ڇڏيندس. چچ انهيءَ کي جواب ڏنو تہ مان هڪ برهمڻ آهيان. منهنجو پيءُ ۽ ڀاءُ اڄ بہ پوڄاري آهن ۽ اهي هن وقت بہ ڀڳوان جي پوڄا ۾ مصروف آهن. مون کان توهان کي ڪنهن بہ قسم جي غلط توقع نہ ٿيڻ گهرجي. آئون اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ بادشاهن جي نوڪري ۾ انسان هميشہ خوف ۽ اميد جي وچ ۾ رهندو آهي. انسان کي انهن شين تي ڪڏهن بہ اعتبار نہ ڪرڻ

گهرجي. بادشاهہ باهہ ۽ نانگ. بهرحال آئون انهيءَ بدنامي جو داڳ پنهنجي دامن تي نہ ٿو هڻي سگهان ۽ توهان کي بہ انهيءَ معاملي ۾ مون کان ڪا بہ اميد نہ رکڻ گهرجي. راڻي کي جڏهن چچ کان اهو صاف جواب مليو تہ هن انهيءَ جي جواب پيهر چورائي موڪليو ”جيڪڏهن توکي اهو پسند نہ آهي تہ پوءِ گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ پنهنجي ديدار جو شرف بخشيندا رهو. مون کي انهيءَ ۾ بہ خوشي محسوس ٿيندي.“

چچ انهيءَ تي راضي ٿي ويو ۽ محبت پنهنجي منزل طئي ڪرڻ لڳي. ايستائين جو راءِ سهاسي بيمار ٿي پيو. مختلف علاج ٿيندا رهيا. پر انهيءَ جي زندگيءَ جي ڪا بہ اميد نہ رهي ۽ ڏينهون ڏينهن جي راءِ سهاسي جي حالت خراب ٿي رهي هئي جنهن ڪري راڻي چچ کي ڦاسائڻ لاءِ هڪ سازش سٽي.

# راڻيءَ جي صلاح

راڻي سونهن ديويءَ اها حالت ڏسي هڪ ڏينهن چچ کي سڏرايو ۽ چيو تہ تون ڏسين ٿو تہ راءِ جي بيماري ڪيڏي وڌي وئي آهي، مون کي هن جي موت جو يقين ٿيڻ لڳو آهي. توکي اها بہ خبر آهي تہ مون کي نہ تہ ڪو اولاد آهي ۽ نہ ئي وري ڪو همدرد آهي. هي نالي جا مٽ مائٽ، جن کي تون ڏسين ٿو سي سيئي انهيءَ تاڪ ۾ آهن تہ هيڏانهن راجا مري ۽ هوڏانهن تخت تي قبضو ڪن. مون کي انهن کان هر قسم جو خطرو آهي، جڏهن تہ اهي مون کي راجا جي زندگيءَ ۾ ئي سٺين نظرن سان نہ ٿا ڏسن تہ انهيءَ جي مرڻ کان پوءِ تہ هي سمورا آزاد ٿي ويندا ۽ پوءِ منهنجي تباهي لاءِ ڪا بہ قصر ڪونہ ڇڏيندا. هن وقت هڪ تدبير منهنجي ذهن ۾ آئي آهي. جيڪڏهن انهيءَ تي عمل ڪيو ويو تہ اسان جون اميدون ڪامياب ٿي وينديون ۽ پوءِ تون تاج ۽ تخت جو مالڪ بہ ٿي ويندين. ائين چئي هن حڪم ڏنو تہ سڀاڻي دربار عام منعقد ڪئي وڃي ۽ سيئي امير و ڪبير گڏ ٿين. ٻئي ڏينهن تي جڏهن سڀ گڏ ٿيا تہ هن راجا جي هٿ مان منڊي لاٿي ۽ اها ڪڻي دربار ۾ آئي. راڻي کي ڏسي سڄي دربار ۾ خاموشي ڇانئجي وئي، سيئي انهيءَ کي ڏسي احترام سان ماٺ ويهي رهيا. هن درٻارين کي چيو تہ راجا جي حالت خراب آهي، اهو پاڻ بيماري ۽ ڪمزوري جي ڪري دربار ۾ اچڻ کان قاصر آهي، انهيءَ هيءَ پنهنجي منڊي مون کي ڏني آهي ۽ حڪم ڏنو آهي تہ آئون توهان کي چوان تہ چچ کي تخت تي ويهاري سيئي انهيءَ جي حڪم تي هلو. اهو ٻڌي انهيءَ وقت ئي درٻارين چچ کي راجا بڻائي ڇڏيو ۽ چچ هڪدم وزير کان راجا ٿي ويو.

جڏهن چچ راجا تي ويو تہ راڻي محل ۾ اچي چچ کي چيو. "چا مان اجان بہ انهيءَ لائق نہ آهيان جو تون منهنجي خواهش پوري ڪرين؟" چچ چپ تي ويو. راڻي هميشہ جي لاءِ فتنن جو دروازو بند ڪرڻ لاءِ هڪ نئين تدبير سوچي هن حڪم ڏنو تہ پنجاهہ زنجيرون محل جي وڏي ڪمري ۾ رکيون وڃن. جڏهن زنجيرون رکيون ويون تہ هن نوڪرن کي حڪم ڏنو. راجا جي مائٽن کي اطلاع ڏيو تہ راجا انهن کي ڪا وصيت ڪرڻ ٿو چاهي. توهان سڀ جلد ئي محل ۾ حاضر ٿيو.

راجا جا سيئي عزيز محل جي ٻاهران گڏ ٿيا. راڻي سونهن ديوي هڪ هڪ کي محل ۾ سڏائيندي پئي وئي ۽ انهن کي زنجيرن ۾ ٻڌرائيندي پئي وئي. جڏهن سيئي قيد ٿي ويا تہ انهيءَ وقت راڻي کي يقين ٿي ويو تہ هاڻي چچ جي مخالفت ڪرڻ وارو ڪير بہ نہ آهي. پوءِ انهيءَ عقلمند راڻيءَ هڪ بي تدبير سوچي. انهيءَ راجا جي غريب مائٽن کي سڏايو. جيڪي پنهنجي غربت جي ڪري هڪ هڪ داڻي لاءِ محتاج هئا. راڻي انهن کي چيو. اڄ توهان کي جن مائٽن انهيءَ حال تي پهچايو آهي، توهان کي مبارڪ هجي مون انهن سڀني کي قيد ڪري ڇڏيو آهي. ڏسو اهي سيئي توهان اڳيان زنجيرن ۾ ٻڌل آهن. مان انهن جو مال ملڪيت توهان کي ئي ڏيان، پر شرط هيءُ آهي تہ جيڪو جنهن کي قتل ڪندو، اهو انهيءَ جو ئي مال حاصل ڪندو. راڻيءَ جو اهو حڪم ٻڌندي ئي تڪڙ ۾ انهن سڀني قيدين کي قتل ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح راڻيءَ جي تدبير ۽ هوشمندي جي ڪري ئي چچ سنڌ جو حاڪم بڻيو. راءِ مري ويو. ٻئي ڏينهن راڻي هر طرف کان مطمئن ٿي راءِ سهاسي جي موت جو اعلان ڪري ڇڏيو. سڄي ملڪ ۾ انهيءَ جو سوڳ ٿيو. وڏي شاهاڻي اعزاز ۽ رسم سان هن جي ارٿي کنئي وئي ۽ چتا ساڙي وئي. راءِ سهاسي جي موت کان پوءِ راڻي سونهن ديوي پنهنجي ٻڌ مذهب جي مطابق چچ سان شادي ڪئي. سهاسي ثاني راءِ حڪومت جو آخري راجا هو. انهيءَ کان پوءِ سنڌ ۾ برهمڻ حڪومت جو بنياد پيو.

# راجا چچ جي حڪومت

## 632ع کان 662ع

راءِ حڪومت جي ختم ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ۾ 632ع (11هه) ۾ برهمڻ حڪومت قائم ٿي. انهيءَ حڪومت جو پهريون راجا چچ هو. جنهن حڪومت سنڀاليندي ئي خزاني جو منهن کولي ڇڏيو ۽ وڏي فياضيءَ سان ماڻهن کي انعام و اڪرام سان مالامال ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي فوجي قوت کي وڌايو. عوام تي جيڪو ٽيڪس ۽ محصول هو، اهو گهٽ ڪيو ۽ پنهنجي انهيءَ رويي جي ڪري عوام ۾ مقبوليت حاصل ڪئي. چچ کي حڪومت ڪندي اجا ڪجهه ئي مهينا ٿيا هئا ته راءِ سهاسي جي وفات جي خبر انهيءَ جي ڀاءُ راڻا مهرت کي پئي، جيڪو چتوڙ جو راجا هو، اها خبر پوندي ئي هو ڏاڍو ڪاوڙيو، ڇو جو هو پاڻ کي انهيءَ تخت جو وارث ۽ حقدار سمجهندو هو. هن جهٽ فوج کي گڏ ڪيو ۽ جنگ جو اعلان ڪيو. جنهن وقت راجا مهرت فوجون وٺي اروڙ کان ٽن ميلن جي فاصلي تي خيما کوڙيائين ۽ انهيءَ هڪ وفد جي هٿان چچ ڏانهن هڪ خط موڪليو، جنهن ۾ لکيائين ته آئون انهيءَ تخت جو جائز وارث آهيان ۽ اهو تخت اسان جي وڏن ابن ڏاڏن جي ملڪيت آهي. جيڪڏهن تون اهو تخت منهنجي حوالي ڪندين ته آئون تو سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جو وعدو ٿو ڪريان ۽ هونئن به تون برهمڻ آهين. تنهنجو ڪم پوڄا پاٺ ڪرڻ آهي، جنگ ۽ لڙائي تنهنجي وس جو روڳ نه آهي، بهتر اهو آهي ته تون ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي خدا کي ياد ڪر ۽ مفت ۾ پنهنجي زندگي نه وڃاءِ.

جڏهن اهو خط چچ کي مليو، هو اهو خط کڻي راڻي سونهن ديوي وٽ آيو ۽ چيائين ته دشمن اسان جي مٿان بيٺو آهي ۽ سلطنت ۽ عزت

جو دعويدار آهي. هاڻي ٻڌاءِ تہ مون کي ڪهڙي تدبير ڪرڻ گهرجي.
راڻيءَ کلي چيو، ميدان جنگ ۾ وڙهڻ مردن جو ڪم آهي، جيڪڏهن توهان ويڙهہ کان ڊڄو ٿا تہ پوءِ مهرباني ڪري توهان منهنجا ڪپڙا پائي محل ۾ ويهي رهو ۽ توهان پنهنجا ڪپڙا مون کي ڏيو تہ جيئن آئون توهان جا ڪپڙا پهري ميدان جنگ ۾ نڪران انهيءَ ۾ پلا مون کان صلاح وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، جڏهن توهان هن ملڪ جا راجا ٿي ويا آهيو تہ پوءِ گجگوڙ ڪندڙ شينهن جيان اٿو ۽ دشمن جو چمي مقابلو ڪيو. ياد رکو تہ عزت جو موت ذلت جي زندگيءَ کان بهتر آهي.

اهو ٻڌي چچ کي بہ ڏاڍي غيرت آئي. راڻي هن کي وڏيڪ غيرت ڏيارڻ لاءِ چيو، "خدا بيشمار مال ۽ دولت توکي ڏني آهي، ماڻهن تي پنهنجي دولت نثار ڪر تہ جيئن پرواني وانگيان ماڻهو توهان جي جهندي هيٺان هجن ۽ توهان لاءِ پنهنجو سر قربان ڪرڻ فخر سمجهن. راڻيءَ جي انهيءَ صلاح تي چچ پنهنجي فوج ۾ ڏاڍو مال ورهايو ۽ هڪ عظيم الشان لشڪر راڻا مهرت جي مقابلي لاءِ تيار ڪري مقابلي لاءِ نڪتو. ٻنهي فوجن ۾ مقابلو شروع ٿيو، جڏهن انهيءَ جنگ ۾ ٻنهي طرفن جا ڪيترائي جوان مرد سپاهي تلوار جي ور چڙهي ويا تہ راڻا مهرت چچ کي چورايو تہ سپاهين جي جان وٺڻ ۽ انهن کي پنهنجي مفادن لاءِ مارائڻ مردن کي زيب نہ ٿو ڏئي هيءُ جهيڙو تہ تنهنجو ۽ منهنجو آهي، اسان کي سواري تان لهي پاڻ ۾ مقابلو ڪري جنگ جو فيصلو ڪرڻ گهرجي، جيڪو اسان ٻنهي مان جيڻرو هوندو سو ئي تخت سنڌ جو وارث هوندو. چچ بہ اها ڳالهہ مڃي ورتي مهرت کي پنهنجي بهادري ۽ شجاعت تي يقين هو، هو پنهنجي دل ۾ سوچي رهيو هو تہ هڪ برهمڻ، جنهن جو سڄي زندگي تلوار سان واسطو نہ پيو آهي، منهنجو پلا مقابلو ڪيئن ڪري سگهندو. مان ٿورڙي ئي دير ۾ انهيءَ جي سر جسم کان ڌار ڪري ڇڏيندس، پر تقدير انهيءَ تي ٺهڪ ڏئي رهي هئي. هو گهوڙي تان لهي چچ جي مقابلي لاءِ روانو ٿيو. هوڏانهن چچ ماٺ ميٺ ۾ پنهنجي هڪ نوڪر کي چيو تہ جڏهن اسان ٻئي مقابلي لاءِ نڪرون تہ تون پنهنجو گهوڙو آهستي آهستي منهنجي پويان آڻجانءِ ۽ منهنجي ويجهو ٿي اچجانءِ بهرحال ٻئي مقابلي جي لاءِ هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو ٿيا تہ

نوڪر جهٽ ئي گهوڙو ڇڇ ڏانهن وڌايو ڇڇ ٽپ ڏئي گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ تڪڙ ۾ مهرت تي تلوار جو اهڙو وار ڪيائين جو هڪ ئي وار ۾ هو ختم ٿي ويو. مهرت جي فوت ٿيندي ئي ڇڇ جي فوج مهرت جي فوج تي حملو ڪري ڇڏيو. مهرت جي فوج جو گهڻو تعداد مارجي ويو ۽ جيڪي بچيا سي امن جا خواهشگذار ٿيا (هي واقعو هجرت نبوي صہ جي پهرئين سال جي لڳ ڀڳ جو آهي) انهيءَ کان پوءِ ڇڇ فتح جا نغارا وڄائيندو اروڙ ۾ داخل ٿيو ۽ انهيءَ فتح جي خوشيءَ ۾ اروڙ ۾ هڪ وڏو جشن ملهايو ويو پوءِ ڇڇ اهي علائقا بہ فتح ڪري ڇڏيا. جيڪي بين ٻڌ راجائن جي ڪمزوري ڪري سنڌ کان کسجي ويا هئا.

# چچ جي ڀاءُ چندر جي مقرري

چچ انهن سڀني ڪمن ڪان واندي ٿيڻ ڪان پوءِ پنهنجي ڀاءُ چندر ڏانهن هڪ ماڻهو موڪليو ۽ چورايو تہ جيئن تہ اسان جي وڏڙن جو طريقو پوڄا پاٺ آهي ۽ اسان بتن جي پوڄا ۾ خاص دلچسپي رکون ٿا اسان جي ڀيءُ سيلاج بہ پنهنجي وڏڙن جيان انهيءَ تي عمل ڪيو آهي، پر اسان جي مذهبي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي روح جي اصلاح ڪندو آهي، نيڪي چڱائي پنهنجو مشغلو بڻائيندو آهي تہ انهيءَ جو روح انهيءَ جي جسم ڪان جدا ٿي ٻئي ڀيري ڪنهن بادشاهہ جي گهر ۾ ٻيو جنم انهيءَ جي اولاد جي صورت ۾ جنم وٺندو آهي يا ڪنهن وڏي ماڻهو جي شڪل ۾ هو هر طرح جي راحت ۽ آرام حاصل ڪندو آهي. سو اسان جي ڀيءُ سيلاج جي ڀڳوان اسان تي رحمت ڪئي آهي ۽ اسان کي تاج و تخت سان سرفراز فرمايو آهي، هڪ وڏو ملڪ اسان جي نگراني هيٺ آهي. مان چاهيان ٿو تہ توکي اروڙ شهر جو ناظم ڪيان ۽ پاڻ ڪان پوءِ توکي پنهنجو ولي عهد مقرر ڪيان ڇو جو تون هن ملڪ ۾ پنهنجي مذهب جي سچي پيروي، وفاداري، رحمدلي ۽ پرهيزگاري ڪندڙ آهين. جڏهن تہ چندر عهدي ۽ منصب ڪان بچڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پر انهيءَ ڪي مجبورن پنهنجي ڀاءُ جي حڪم ڪي قبول ڪرڻو پيو. هو شاهي دربار ۾ اچي شامل ٿيو ۽ اروڙ شهر جو سڄو انتظام هڪ ناظم جي حيثيت ۾ انهيءَ جي حوالي ڪيو ويو. انهيءَ ڪان سواءِ هو چچ جا سڀئي اهم ڪم ۽ بادشاهہ جي ڪم ڪارن جو انچارج مقرر ڪيو ويو. چندر کي اروڙ شهر جو ناظم اعليٰ مقرر ڪرڻ ڪان پوءِ چچ هڪ شاهي فرمان جاري ڪيو، جنهن ۾ لکيائين تہ سيلاج جي ڀڳوان اسان کي تخت ۽ تاج جو مالڪ

ڪيو آهي ۽ اسان جي قسمت ۾ هتان جي ماڻهن تي حڪومت ڪرڻ مقرر ڪيو آهي. هاڻي اسان جو فرض آهي تہ اسان هن ملڪ جي ماڻهن سان چڱي نموني هلون ۽ عدل ۽ انصاف سان انهن کي خوش رکون تہ جيئن خدا وٽ اسان کي ظلم ۽ ناانصافي جو گنهگار نہ ٺهرايو وڃي. انهيءَ ڪري مان پنهنجي ڀاءُ چندر کي جيڪو پوڄارين جو سردار آهي، هي اهم ۽ نازڪ ذميواري سپرد ڪيان ٿو. هو اسان جي موجودگي ۽ عدم موجودگي ۾ سيني ڪمن جو ذميوار آهي. سيني اميرن، وزيرن، خادمن ۽ رعايا تي انهيءَ جي اطاعت واجب آهي.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ چچ پنهنجي وزير جي صلاح موجب ملڪ ۾ هر طرف پنهنجا قاصد روانا ڪيا تہ جيئن اهي آس پاس جي راجائن کي انهيءَ تي راضي ڪن تہ هو مملڪت سنڌ کي وڌيڪ مضبوط ۽ وسيع بڻائڻ ۾ انهيءَ سان گڏ شامل ٿين. هن لشڪر ۽ فوج کي پنهنجي وزير جي صلاح جي مطابق ترتيب ڏنو.

آخر هڪ ڏينهن چچ پنهنجي فوج وٺي شهر پاٻيہ تي حملو ڪيو جيڪو درياءِ بياس ڏکڻ ڪناري تي آهي ۽ اتان جي حاڪم چچ سان سرڪشي ڪئي هئي. ٻنهي جي فوجن ۾ جنگ ٿي. جنهن ۾ چچ ڪٽي ويو ۽ پاٻيہ جي حاڪم فرار ٿي اسڪلنده جي قلعي ۾ پناهہ ورتي جيڪو درياهہ راوي جي ڏکڻ ڪناري تي هڪ مضبوط قلعو آهي. لکندڙن انهيءَ شهر کي اڄ جي قديم بستي سان تعبير ڪيو ويو آهي.

# اسڪلنده جي فتح

جڏهن چچ کي خبر پئي تہ پانيہ جي حاڪم اسڪلنده قلعي ۾ پناهہ ورتي آهي تہ انهيءَ پانيہ ۾ رهندڙ پنهنجي هڪ قابل اعتماد شخص کي حاڪم مقرر ڪري اسڪلنده جو رخ ڪيو ۽ قلعي جي ٻاهران پنهنجو خيمو کوڙيائين. اسڪلنده جي قلعي ۾ شجاع نالي هڪ شخص اهڙو بہ هو، جيڪو چچ جو وفادار ۽ خيرخواهہ هو. انهيءَ شخص جو شهر جي عوام ۽ چڱن ماڻهن سان چڱا واسطا هئا. چچ شجاع کي لڪ ۾ پيغام موڪليو تہ مون پڪو ارادو ڪري ڇڏيو آهي تہ جي هتان جو راجا ڇتر مارجي وڃي يا قيد ٿي وڃي تہ مان انهيءَ قلعي کي فتح ڪري توکي انهيءَ قلعي اسڪلنده جو حاڪم ڪندس پوءِ هن هڪ تحرير بہ انهيءَ شخص ڏانهن موڪلي، جنهن ۾ لکيل هو تہ جيڪڏهن تون پانيہ ۽ اسڪلنده جي حاڪم کي قيد يا قتل ڪرائيندين تہ توکي انهيءَ قلعي جو سردار بڻايو ويندو. انهيءَ شخص اها شرط قبول ڪئي ۽ پنهنجي پٽ کي ضامن جي طور تي چچ ڏانهن موڪلي ڇڏيو تہ هو انهيءَ ڪم کي ضرور پورو ڪندو. آخر هڪ ڏينهن هن موقعو ڏسي ڇتر کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ جو سر چچ ڏانهن موڪلي ڇڏيو. چچ پنهنجي وعدي مطابق هن کي انعام سان سرفراز ڪري قلعي اسڪلنده ۽ پانيہ جي حڪومت جو فرمان انهيءَ جي نالي جاري ڪيو حاڪم بنجڻ کان پوءِ شهر جي سيني رئيسن بہ انهيءَ جي سامهون وڏي قيمت جا نذرانہ پيش ڪيا چچ انهن کي حڪم ڏنو تہ اهي سڀ هن جا پابند رهن ۽ هميشہ هن جي اطاعت ڪن ۽ انهيءَ جا فرمانبردار رهن اسڪلنده کان فارغ ٿي چچ سڪہ ۽ ملتان ڏانهن رخ ڪيو، ملتان جو راجا انهيءَ زماني ۾ ٻجرا نالي هڪ شخص هو، جيڪو

راجا سهاسي جو ويجهو مائٽ هو. انهيءَ جي حڪومت ڏاڍي وسيع هئي ۽ پاڻ بہ هڪ ڏاڍو چالاڪ ۽ عقلمند حاڪم هو. هن چچ جي اچڻ جي خبر ٻڌي تہ هڪ لشڪر جرار تيار ڪري درياهہ راوي جي ڪناري تي پهتو. ٻجرا جو ڀائيٽو سيهول انهيءَ وقت سڪہ جو گورنر هو. جيڪو ملتان جي اوير واري پاسي موجود هو. اهو بہ پنهنجي سؤٽ اجي ين سان ملي مقابلي لاءِ آيو هو. درياهہ بياس جي پتڻ ويجهو طوفان جي ڪري چچ ۽ انهيءَ جو لشڪر تي ميهنا اتي خيمہ ڪوڙي ويٺا رهيا. جڏهن درياهہ جو چاڙهہ گهٽ ٿيو تہ انهيءَ پتڻ وٽان هن درياهہ کي پار ڪري سيهول سان جنگ شروع ڪئي ۽ گهڻي عرصي تائين قلعي جو گهيرو ڪيو. سيهول وڏي بهادريءَ سان مقابلو ڪيو پر جڏهن شڪست جا آثار نظر اچڻ لڳا ۽ هن جا بهادر ۽ نالي وارا ساٿي مارجڻ لڳا تہ سيهول رات جو ڀڄي وڃي قلعي ملتان ۾ پناهہ ورتي. راجہ چچ سڪ تي قبضو ڪري پنج هزار فوجين کي قتل ڪيو ۽ سڄي شهر کي قري اتان جي گرفتار ٿيل ماڻهن کي پنهنجو غلام بڻايو ۽ پنهنجي هڪ امير عين الدين ريجاني مدني کي سڪ جو حاڪم بڻائي پاڻ ملتان کي گهيري ۾ آڻڻ لاءِ اڳتي وڌيو.

قبضو ڪيو. چچ ملتان جو حاڪم هڪ ناڪر کي مقرر ڪيو ۽ پاڻ هڪ مندر ۾ وڃي انهيءَ فتح جو سجدو ادا ڪيو ۽ صدقو ڪري اڳتي وڌيو. اوسي پاسي جي حاڪمن بنا ڪنهن مقابلي جي هن جي اطاعت قبول ڪري جڏي چچ جي دهشت اهڙي ويهي رهي هئي جو هو جيڏانهن به ويندو هو ته ڪو به راجا هن جو مقابلو ڪرڻ جي همت نه ڪندو هو. ملتان ۾ هڪ مهينو رهڻ کان پوءِ هر جاءِ تي امن امان قائم ڪرڻ کان پوءِ ڪشمير ۽ پنهنجي سرحد تي هڪ چشمي جي ڪناري تي جنهن ڪ پنج ماهيان سڏيو تي ويو به بوتا. صنوبر ۽ بيد لڳايائين ۽ اتي ايترا ڏينهن رهيو جو بئي وڻ وڏا ٿيا ۽ پاڻ ۾ ملي ويا. انهيءَ کان پوءِ هن انهيءَ جاءِ کي پنهنجي ۽ راجا ڪشمير جي سرحد قرار ڏنو ۽ اتان روانو ٿيو.

# الور ڏانهن واپسي

ڪشمير ۽ سنڌ وچ ۾ سرحد طئي ڪرڻ کان پوءِ چچ پنهنجي دارالسلطنت اروڙ (الور) واپس پهتو ۽ سال کن آرام ڪندو رهيو. انهيءَ عرصي ۾ هن جي حڪومت جي نمائندن ڏاڍو ٻاماڻ گڏ ڪيو. هڪ ڏينهن هن پنهنجي وزير کي سڏ ڪري چيو تہ هاڻي مان اوپر واري پاسي کان بي فڪر آهيان. هاڻي اسان کي اولهہ ڏانهن ۽ ڏکڻ ڏانهن توجہ ڏيڻ گهرجي. وزير چيو جهان پناهہ واقعي سچ آهي. بادشاهن لاءِ ضروري آهي تہ هو ملڪ جي حالتن کان واقف رهن انهيءَ جو امڪان آهي تہ توهان جي اوپر جي دوري سان ڏکڻ وارا امير بي فڪر ٿي ويا هجن ۽ انهن کي اهو خيال ۾ هجي تہ راءِ سهاسي کان پوءِ هاڻي انهن کان خراج وصول ڪرڻ وارو ڪير بہ نہ آهي سو انهيءَ پاسي ڏانهن بہ توجهہ ڏيڻ ضروري آهي.

# (سيوهڻ) سيوستان ڏانهن روانگي

انهيءَ صلاح ڪان پوءِ چچ ٻڌيا ۽ سيوستان(سيوهڻ) ڏانهن رخ ڪيو. سيوستان جي قلعي ۾ متو نالي گورنر حاڪم هو. اهو ٻڌيہ قديم سنڌ جو اترين اولهہ صوبو هو.

چچ سنڌو درياهہ کي پار ڪيو. جيڪو سمہ قوم ۽ اروڙ وارن جي سرحد هئي، اتان ڪان هو ٻڌيہ واري پاسي روانو ٿيو. ٻڌيہ جو حاڪم انهيءَ زماني ۾ مرڪونده بن پندر پڪو هو ۽ انهيءَ جو دارالسلطنت جو راڄ هو. اتان جا ماڻهو سيوس سڏرائيندا هئا. چچ انهن تي حملو ڪري سيوس جي قلعي کي فتح ڪيو. اهو ڏسي انهيءَ پاسي جا ٻئي حاڪم ڪاڪا جي پٽ وکيہ بن ڪاڪا خراج ادا جو عهد قبول ڪيو.

هتان ڪان چچ سيوستان روانو ٿيو. جڏهن شهر سيوستان جي ويجهو پهتو تہ سيوستان جي گورنر هڪ وڏي فوج سان گڏ انهيءَ جو مقابلو ڪيو پر شڪست کائي پوءِ قلعي ۾ لڪي ويو. هڪ هفتي ڪان پوءِ هن مجبور ٿي امان گهري ۽ قلعي کي چچ جي آفيسرن جي حوالي ڪيو. چچ انهيءَ کي زندگي بخشي ڇڏي ۽ انهيءَ تي مهرباني ڪري پوءِ اتان جو گورنر مقرر ڪري ڇڏيو پر مشير ۽ نگران پنهنجو هڪ آفيسر بہ مقرر ڪيو. پوءِ ڪجهہ ڏينهن اتي قيام ڪرڻ ڪان پوءِ برهمڻ آباد پهتو.

# برهمڻ آباد جي حاڪم ڏانهن پيغام

جڏهن هو برهمڻ آباد جي ويجهو پهتو تہ هن برهمڻ آباد ۾ لوهاڻا جي بادشاهہ اگهم ڪي اطاعت لاءِ چيو جنهن جي تحت لاکا، سمہ ۾ مت قبيلا هئا ڇچ اگهم کي پيغام موڪليو تہ هو انهيءَ جي اطاعت قبول ڪري. ۾ انهيءَ زماني هڪ خط اگهم لوهائي جو راجا مت گورنر سيوستان جي نالي پڪڙيو ويو. انهيءَ خط کي اگهم جو هڪ خاص قاصد کنيو پئي ويو. خط ۾ لکيل هو "مان سدائين تو سان سٺي سلوڪ سان پيش آيو آهيان ۽ ڪڏهن بہ تنهنجو مخالف نہ ٿيو آهيان. ماڙ تنهنجي خط جي جواب ۾ جيڪو تو لکيو آهي ان جي رسيد موڪلي رهيو آهيان. انهيءَ خط ۾ تو مون کي لکيو آهي تہ جيستائين اسين متحد رهنداسين، تيستائين ڪو بہ دشمن اسان تي حملو نہ ڪري سگهندو. توکي خبر هئڻ گهرجي تہ تو ۾ ۽ مون ۾ پورو اتحاد آهي ۽ جن تڪليفن جو تذڪرو تو پنهنجي خط ۾ ڪيو آهي، انهيءَ قسم جون تڪليفون راجائن تي اينديون ئي رهنديون آهن. توکي اجازت آهي تہ تون برهمڻ آباد کان ديبل تائين جتي بہ مناسب سمجهين پنهنجو ٺڪاڻو ناهي سگهين ٿو. جيڪڏهن تنهنجو ارادو ڪنهن بئي پاسي وڃڻ جو آهي تڏهن بہ توکي ڪير بہ ڪونہ جهليندو. جڏهن ڪنهن بہ جاءِ تي پهچي مطمئن ٿي ويندين تہ مان توکي مالي ۽ فوجي هر قسم جي مدد ڏيندس. مون وٽ ايتري تہ فوج ۽ گهوڙا ميسر آهن جو مان تنهنجي مدد ڪري سگهان ٿو."

اگهم، لوهائي جي خط پڪڙجي وڃڻ جي خبر ٻڌي مت قبيلو هند جي ريگستان جي بادشاهہ راجا نيرمل جي حڪومت ۾ هليو ويو. جنهن کي پٽي بہ چوندا آهن.

نڪري وڃي، هن پنهنجا ڪتاب ڪٿي حساب لڳايو ۽ قطعي فيصلو ڏنو ته هي ملڪ يقينن راجا چچ جي قبضي ۾ ويندو ۽ اهو مون تي مهربان ٿيندو. چچ کي جڏهن اها خبر پئي ته اگهم ۽ ان جو پٽ ٻئي انهيءَ راهب جا مريد آهن ۽ انهيءَ راهب جي مڪارين ۽ چالاڪي جي ڪري ئي جنگ سڄو سال هلي، ته انهيءَ قسم کاڌو ته جيڪڏهن هي قلعو فتح ٿي ويو ته انهيءَ راهب جي کل لهرائي نغارن تي هٿائيندو ته جيئن نغارچي انهيءَ کي ڪٽي ڪٽي ذرو ذرو ڪري ڇڏين. شمني راهب کي جڏهن اها خبر پئي ته هو کليو ۽ هن ڪلندي چيو ته چچ جي اجا ايڏي مجال نه آهي جو هو مون کي مارائي ڇڏيندو.

چچ قلعي ۾ داخل ٿي اگهم جي پٽ کي حڪم ڏنو ته جي تون وڃڻ چاهين ٿو ته بنا خوف جي هليو وڃ ڪير به توکي ڪونه جهليندو ۽ جيڪڏهن رهڻ چاهين ٿو ته خوشيءَ سان رهه اسان کي تنهنجي رهڻ تي ڪو به اعتراض نه آهي، اگهم جي پٽ سربند اتي ئي رهڻ پسند ڪيو. پوءِ چچ ڪجهه ڏينهن اتي رهيو. اتان جي ماڻهن جي مزاجن کان واقفيت حاصل ڪئي ۽ پوءِ پنهنجي اعتماد جي ماڻهو کي برهمڻ آباد جو ڪاروهنوار حوالي ڪيو.

# چچ جي شادي

چچ پنهنجي قيام برهمڻ آباد جي زماني ۾ اگهم لوهاڻي جي بيوه کي سڏي انهيءَ سان شادي ڪئي ۽ پنهنجي ڀائٽيي ڌهريہ جي ڌيءُ جو نڪاح اگهم لوهاڻي جي پٽ سربند سان ڪيو. پوءِ چچ اتان ماڻهن ڪان پڇيو تہ اهو شمني راهب ڪٿي آهي؟ مان انهيءَ کي ڏسڻ چاهيان ٿو. ماڻهن چيو اهو ڀڳت آهي ۽ ڀڳتن سان گڏ هوندو. اهو هندستان جي دانائن ۽ ڪنوهار جي مجاورن مان آهي ۽ سڀئي راهب انهيءَ جي ڏاڍي عزت ڪندا آهن ۽ هن هڪ طرح سان دنيا کي پنهنجو مريد بڻائي ڇڏيو آهي. هن جا سڀئي مقصد جادو جي زور تي پورا ٿيندا آهن. ڪجهہ ڏينهن هو سرهند جو معاون رهيو ۽ انهيءَ جي سهاري برهمڻ آباد جا سپاهي ثابت قدمي سان مقابلو ڪندا رهيا. پوءِ چچ هٿيارن سان پريل محافظن سان گڏ سوار ٿي شمني راهب کي قتل ڪرڻ لاءِ بڌ جي مندر ڪنوهار ۾ ويو. رستي ۾ هن پنهنجي سپاهين کي حڪم ڏنو تہ جڏهن مان انهيءَ سان ڳالهائڻ ڪان پوءِ خاموش ٿي وڃان ۽ توهان ڏانهن نهاريان تہ توهان هڪ دم پنهنجي تلوار سان انهيءَ جو سر جدا ڪري ڇڏجو. جڏهن چچ بڌ ڪنوهار ۾ داخل ٿيو تہ هن ڏٺو شمني راهب هڪ ڪرسيءَ تي ويٺو پنهنجي عبادت ۾ مصروف آهي. انهيءَ جي هٿ ۾ هڪ سخت ڳوهيل مٽي هئي. جنهن جا بت ٺاهي هڪ مهر جهڙي شي انهيءَ تي هڻي رهيو هو. جنهن جي ڪري انهيءَ بت تي بڌ جي تصوير نهندي پئي وئي ۽ هو انهيءَ کي هڪ جاءِ تي رکندو پئي ويو چچ اتي وڃي انهيءَ جي سامهون ويهي رهيو پر هن انهيءَ ڏانهن ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو هڪ ڪلاڪ ڪان پوءِ انهن بتن ڪان فارغ ٿي هن ڪنڌ مٿي ڪري چيو.

”سيلاج پڳت جو پٽ آيو آهي.“ چچ جواب ڏنو ”ها اي عبادت گذار پروهت!“ پوءِ هن پڇيو تہ تون ڪهڙي ڪم سان آيو آهين؟ چچ جواب ڏنو تہ مان پنهنجي عقيدت جي بنياد تي توکي ڏسڻ آيو آهيان. شمني راهب گاهہ جو هڪ پولو کولي وڇايو ۽ چچ کي انهيءَ تي ويهاريو پوءِ هن چچ کان پڇيو، چئو ڪهڙو ڪم آهي؟ مان چاهيان ٿو تہ تون منهنجي حمايت ڪر ۽ برهمڻ آباد جي قلعي ۾ واپس موٽي اچ تہ جيئن مان تنهنجي حوالي ڪجهہ اهم ڪم ڪيان ۽ تون سربند جو هڪ سٺو مشير ثابت ٿي سگهين. شمني راهب جواب ڏنو تہ مون کي تنهنجي حڪومت جي ضرورت ڪونہ آهي. مان حڪومت جي ڪمن سان ڪابہ دلچسپي ڪونہ رکندو آهيان ۽ نہ ئي انهيءَ جو خواهشمند آهيان. اتي چچ پڇڻ لڳو تہ پوءِ تو برهمڻ آباد جي قلعي ۾ منهنجو مقابلو ڇو ڪيو هو. شمني راهب جواب ڏنو تہ جڏهن حاڪم اگهم وفات ڪري ويو تہ انهيءَ جو پٽ پنهنجي پيءُ جي جدائي ڪان پريشان ٿي لڳو تہ مان انهيءَ کي صبر جي تلقين ڪندو رهيس ۽ ٻنهي طرفن جي صلح جي دعا ڪندو رهيس. منهنجي خيال ۾ دنيوي سرداري سان ٻڌ جي خدمت ڪرڻ ۽ آخر جي نجات طلب ڪرڻ بهتر آهي. هاڻي ڇو تہ تون هن ملڪ جو راجا آهين، انهيءَ ڪري مان تنهنجي حڪم جي مطابق پنهنجي قبيلي سميت آبادي ۾ منتقل ٿيڻ لاءِ تيار آهيان. پر مون کي انديشو آهي تہ قلعي جا ماڻهو ٻڌ مندر جي آبادي کي نقصان پهچائيندا. چچ چيو، ٻڌ جي بندگي زياده بهتر آهي، هاڻي جيڪڏهن تنهنجي ڪا ضرورت مون کان آهي تہ پوءِ مان انهي کي پورو ڪرڻ سعادت سمجهندس. شمني راهب چيو مان ڪا بہ حاجت ۽ ضرورت ڪونہ ٿو رکان. ڪاش خدا توکي عاقبت جي ڪمن جي توفيق ڏئي پر جڏهن چچ اصرار ڪيو تہ شمني راهب چيو تہ جيڪڏهن تون اهو ئي ٿو چاهين تہ ڪنوهار جي مندرجنهن جي عمارت هڪ قديمي عبادت گاهہ آهي ۽ زماني ڪان انهيءَ کي ڪافي نقصان رسيو آهي، جيڪڏهن انهيءَ جي عمارت نئين سر نهرائي وڃي تہ سٺو ٿيندو. چچ انهيءَ جي اها ڳالهہ ٿورن سان قبول ڪئي.

انهيءَ ڪان پوءِ چچ قلعي برهمڻ آباد ۾ رهي انهيءَ علائقي جي نظم ۽ نسق کي ٺيڪ ڪيو. گورنمنٽ جا عملدار نوان مقرر ڪيا ۽ جتن ۽ لوهاڻن جي زور کي ٽوڙيو. انهن جي سردارن کي اطاعت تي مجبور ڪيو ۽ ڪجهہ سردارن کي قلعي برهمڻ آباد ۾ نظربند ڪري لوهاڻن ۽ جتن

لاءِ هيٺ ڏنل قانون ٺاهيا ۽ انهن کي مجبور ڪيو ته آئنده اهي انهن قانونن جي پابندي ڪن.

(1) تلوار کان سواءِ ڪنهن به قسم جو بيو هٿيار نه ٻڌن.
(2) قيمتي ڪپڙا ۽ بخمل ۽ ريشمي ڪپڙا نه پائين.
(3) گهوڙي جي سواري بغير زين جي ڪن.
(4) اگهاڙي پيرين ۽ اگهاڙي مٿي رهن.
(5) جنهن وقت هو پنهنجي گهر کان نڪرن ته پنهنجا ڪتا پاڻ سان گڏ رکن.
(6) برهمڻ آباد جي گورنر جي ضرورت جي لاءِ ساڙڻ جون ڪاٺيون مهيا ڪن ۽ انهن جي لاءِ رهبري ۽ جاسوسين جي خدمت انجام ڏين.

گڏ ئي هن انهن ٻنهي قبيلن تي انهيءَ حڪم کي به واضح ڪيو ته جي انهن قانونن جي پابندي ڪئي ته انهن کي ديانتدار سمجهيو ويندو ۽ انهن تي اعتماد ڪيو ويندو. انهيءَ کان سواءِ هن انهن لاءِ اهو به لازمي قرار ڏنو ته هو اگهم جي پٽ سربند سان گڏ صلح ۽ سکون سان رهن. جيڪڏهن ڪو دشمن هن ملڪ تي حملو ڪري ته اهي سربند جي مدد ڪن پوءِ هن ڪجهه منتخب ماڻهن کي هتان جي مختلف عهدن تي مقرر ڪيو ۽ پوءِ اتان روانو ٿيو.

# ڪرمان تي حملو

برهمڻ آباد جي مهم کان فارغ ٿي چچ 23هه/623ع ۾ ڪرمان ڏانهن وڌيو، جنهن تي ايرانين جو قبضو هو. هي اهو زمانو هو جو ايران جو بادشاهه ڪمري بن هرمز مري ويو هو ۽ ايران جي سموري حڪومت هڪ عورت جي هٿ ۾ هئي ۽ ايراني حڪومت اميرن وزيرن جي نااتفاقين جي ڪري سڌڪا پري رهي هئي.

سڀ کان پهرين چچ ارمابيل (ارمن بيله) پهتو. جيڪو موجوده لس بيله جو هڪ مشهور شهر هو. هتان جو راجا ٻڌ مذهب جو مڃڻ وارو ۽ شمني پروهت هو. اهو هندستان جي راجا سهيرس راءِ جي گورنرن جي اولاد مان هو. جنهن کي ديانت ۽ صداقت ۽ سٺين خوبين جي ڪري اتي جو حڪمران مقرر ڪيو ويو هو پر پوءِ اهو سرڪشي اختيار ڪري خودمختيار ٿي ويو هو. ارمابيل جي راجا کي جڏهن خبر پئي تہ هو چچ جي استقبال لاءِ ٻاهر نڪري آيو ۽ انهيءَ جو شاندار استقبال ڪيو ۽ چچ ان کان اتحاد ٻڌي جو وعدو وٺي مڪران ڏانهن وڌيو. پوءِ اهو ڪنزپور پهتو. جنهن کي عرب تاريخ نويس فنزبور چوندا آهن ۽ جيڪو هاڻي پنج پور جي نالي سان مشهور آهي. هتان جي هڪ پراڻي قلعي کي هن نئين سر ٺهرايو ۽ هندستان جي رواج مطابق انهيءَ ۾ پنجتوري رکرائي يعني پنج سازن واري نوبت. جيڪا هندن جي رسم مطابق شام جو ۽ پرهه ڦٽي جي وقت وڄائي ويندي آهي. پوءِ انهي پاسي جي ماڻهن کي سڏائي قلعي جي عمارت کي مڪمل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. پوءِ پنج پور ۾ ڪجهه ڏينهن رهڻ کان پوءِ هن انهيءَ واهه جي ڪناري تي پهچي خيمو لڳايو. جيڪو ڪرمان ۽ مڪران جي وچ ۾ آهي ۽ اتي هن کجور جا وڻ هنيا ۽ پنهنجي اوڀرائين سرحد جتي کجورن جا وڻ آهن انهن تي نشان هنيا ويا تہ هي چچ بن سيلاج بن باس جي زماني ۾ قائم ٿيا ۽ اها ئي حد هن وقت تائين قائم آهي.

# قندابيل جي فتح

پوءِ هو پنهنجي قائم تيل سرحد کان ارمابيل واپس پهتو ۽ توران جي علائقي کان تيندو هو بورال ندي جي متان تيندو قندابيل يعني قندهار پهتو. چچ انهيءَ شهر تي ”نقعہ“ حملو ڪرڻ جو ارادو ڪيو. پر انهيءَ شهر ۾ رهڻ وارا قلعہ بند ٿي ويا هئا. هن درياھ سيني جي ڪپر تي خيمو کوڙيو ۽ قلعي جو محاصرو ڪيو. قيدين مجبور ٿي ساليانہ هڪ سو خچر ۽ هڪ لک درهم خراج ڏيڻ جو واعدو ڪيو ۽ انهن هڪ سال جو خراج اڳ ۾ پيش ڪيو.

# وفات

انهيءَ معاهدي ڪرڻ کان پوءِ چچ اروڙ (الور) واپس تيو ۽ چاليھ سال حڪومت ڪري هن 40ھ/660ع ۾ وفات ڪئي.

# راجا ڏاهر سنڌ جي سورهيه جي زندگيءَ جو احوال

چچ کي راڻي سونهن ديوي مان ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءُ تي، وڏي پٽ جو نالو ڏاهر ۽ ننڍي جو ڏهريه ۽ ڇوڪريءَ جو نالو مائين رکيو ويو.

ٻنهي ڇوڪرن ۽ ڇوڪريءَ جا نجومين زائچا ناهيا ۽ ستارن جو حساب ڪري انهن چچ کي ٻڌايو ته توهان جا ٻئي پٽ بادشاهه ٿيندا ۽ ڪافي عرصي تائين سنڌ انهن جي قبضي ۾ هوندي، ڌيءُ جي باري ۾ انهن ٻڌايو ته هو دارالسلطنت کان ٻاهر ڪونه ويندي ۽ جيڪو به انهيءَ جو مڙس ٿيندو سڄي مملڪت سنڌ جو مالڪ هوندو. جڏهن نجومين چچ سان پيشنگوئي بيان ڪئي ته حڪم ڏنو ته اها پيشنگوئي راز ۾ رکي وڃي.

تاريخي ڪتابن موجب چچ کي سندس راڻي سونهن ديويءَ مان ٻه پٽ هئا. جن مان هڪ جو نالو ڏهرسيه ۽ ٻئي جو ڏاهر هو. ۽ هن کي ٻائيءَ نالي هڪ ڌيءُ به هئي، جيڪا اڻين پيو معلوم ٿئي ته سندس ٻيءَ زال مان هئي. چچ جي مرڻ تي، جيڪو عام طور سن 671ع ڌاري ٿيل سمجهيو ويندو آهي، تخت ۽ تاج جو ورثو انهن ٻنهي پٽن مان ڪنهن به هڪ کي نه مليو. بلڪ اهو هن جي ڀاءُ چندر کي مليو. جيڪو الور جي حاڪم جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو رهيو هو. اوڀرجي بادشاهين ۾ اها روايت، جنهن جي ذريعي پٽ جي پيٽ ۾ هڪ ڀاءُ وارث بڻبو آهي، انهيءَ حالت ۾ موزون هوندي آهي، جڏهن پٽ صغير هوندو آهي، يا ٻئي ڪنهن نموني ۾ حڪومت هلائڻ جي لائق نه هوندو آهي، ۽ انهيءَ روايت تي سنڌ ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپر گهراڻن ۾ عام طور عمل ڪيو ويندو هو.

هيءَ حقيقت واضح آهي ته چچ جي ٻنهي پٽن مان هڪ به نابالغ نه هيو، انهن ٻنهي کي سندن چاچي، تخت تي ويهڻ کان ٽورو ٿي پوءِ

طرح سان عقل ۾ نٿي ويهي، ڇاڪاڻ تہ هنن لاءِ ڇيو ويو آهي تہ هنن سنڌ جي سرحدي قلعي ديوپور تي قبضو ڄمايو ۽ ان کان پوءِ هو باقاعدگيءَ سان هڪ جاءِ کان پوءِ ٻي وٺندا وڃن ٿا. انهن سيني جا نالا سچاٽپ کان ٻاهر آهن ۽ پوءِ اُهي هڪ مهيني تائين سنڌ جي سرزمين تي قيام ڪيو ويٺا رهن ٿا. ان جي باوجود، هن بيان جي مطابق، چندر کي سندس خطري جو احساس بلڪل آخري وقت تي ٿيو. پوءِ تہ هن آڻ مڃڻ جو مطالبو رد ڪري ڇڏيو ۽ مضبوط ارادي کان ڪم وٺندي، ڏهرسيہ کي برهمڻ آباد جي چارج وٺڻ لاءِ موڪلي ڏنو ۽ هو پاڻ سڀ کان ننڍي راجڪمار ڏاهر سان الور جي بچاءُ لاءِ اتي ترسي پيو. حملہ آورن الور کي گهيرو ڪيو، پر سخت مقابلي کي ڏسي ۽ ڪاميابيءَ جو ڪو موقعو نہ سمجهي، هُنن پنهنجو مقصد حرفت سان حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪڏهن ڏاهر کي پڪڙي سگهجي، تہ هوند سڄو مقابلو ختم ٿي وڃي! اهڙيءَ طرح ساهرس بادشاهہ پيغام موڪلي ڏنو تہ هو ۽ سندس اتحادي صلح ڪرڻ ۽ ملڪ کي ڪن شرطن تي خالي ڪري وڃڻ چاهين ٿا. ان ڪري هنن ڏاهر کي حفاظت ۽ اَمان جي ضمانت تحت دعوت ڏني تہ هو سندن ڇانوڻيءَ ۾ اچي ساڻن شرط شروط طئي ڪري. ڏاهر اها ڳالهہ قبول ڪئي، پر هو هٿياربند سپاهين جي هڪ وڏيءَ جماعت جي حفاظت ۾ ٻاهر نڪتو ۽ انهيءَ اٽڪل سان هو انهن ماڻهن جي سازش کي ناڪام بنائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. جيڪي ڪيس دغابازيءَ سان پنهنجي چار ۾ ڦاسائڻ جي خواهش ڪري رهيا هئا. هاڻي، انهيءَ هنڌ پهچي، ڪهاڻيءَ ۾ راسل بادشاهہ جو نالو سندس پٽ ساهرس جي نالي جي بدران اڳتي آندو وڃي ٿو. ڏاهر جي ترارٻازن انهيءَ بزرگ شخصيت کي سوڙهو ڪَهڻي، پنهنجي رحم ڪرم جو محتاج بنايو، جنهن ڪري هو انهيءَ ملڪ کي ترڪ ڪرڻ، ديو پور جي سرحدي قلعي کي واپس ڪرڻ ۽ قيدين کي آزاد ڪرڻ جي مطالبن کي منظور ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيو. شرطن جي تعميل ڪرڻ جي ضمانت طور يرغمالي ڏنا ويا. ۽ اهڙيءَ طرح صلح جو عهدنامو ڪيو ويو.

ڇيو وڃي ٿو تہ چندر جي بادشاهيءَ سٽن سالن تائين جٽاءُ ڪيو ۽ هن جي مرڻ پڇاڻان، ڏاهر الور ۾ سندس تخت تي ويٺو. اهو بہ ڇيو وڃي

ئي پوءِ قدرتي سببن ڪان مري ويو.

اسين هن ڳالهہ کي، بنان ڪنهن خوف ۽ خطري جي، هڪ تاريخي حقيقت طور تسليم ڪري سگهون ٿا تہ چندر جي مرڻ کان پوءِ. سنڌ ڪجهہ عرصي تائين ٻن آزاد ۽ خودمختيار رياستن جي حيثيت ۾ ورهايل رهجي وئي، جن تي چچ جي ٻن پٽن جي بادشاهي قائم هئي، ننڍي ڀاءُ جي وڏائيءَ ۽ ڏيکاءَ تي وڏي ڀاءُ کي سخت ناراضگي هئي ۽ وڏي ڀاءُ جي مرڻ تي، جيڪو بظاهر وارثن ڇڏڻ کان سواءِ ڪونہ مئو هو، سڄي بادشاهي بنان ڪنهن تڪرار ۽ جنگ جي خاموشيءَ سان سڌي ڏاهر جي هٿن ۾ هلي وئي.

"چچ نامي" ۾ ڏهرسيہ ڏانهن جيڪي ڳالهيون منسوب ڪيل آهن، تن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هن ڏاهر کي ڪڏهن بہ خودمختيار تسليم نہ ڪيو هو. جڏهن ڪيس الور ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ڏني وئي، تڏهن هو ڏاهر ڏانهن پيغام موڪلي ٿو، "آءٌ تو سان جنگ ڪرڻ نہ آيو آهيان. هيءُ قلعو منهنجي پيءُ جي گاديءَ وارو شهر هو ۽ هُن کان پوءِ اهو مون ڏانهن آيو آهي. توکي ان جو قبضو محض منهنجي نمائندي جي حيثيت ۾ مليو هو، ۽ هيءَ بادشاهي منهنجي آهي. اسان جي ملڪ ۾ ڪنهن بہ وقت ٻہ تاج گڏ نہ رهيا آهن." "چچ نامي" ۾ ڏهرسيہ لاءِ چيو ويو آهي تہ هُن ٽيهہ سال حڪومت ڪئي، پر اها ڳالهہ ٻائيءَ واريءَ سڄي ڳالهہ کي سالن جي سلسلي جي نقطي نگاهہ کان ناممڪن بنائي ڇڏيندي. جيڪڏهن اسين "تذڪري" ۾ ڏنل واقعن جي سلسلي کي قطعي طور رد نہ ڪنداسون، تہ اهي ٽيهہ سال گهٽجي وڃي وڌ ۾ وڌ ست يا اٺ سال رهندا. جيڪڏهن سالن جيٰ سلسلي ۾ اهو حساب اختيار بہ ڪيو وڃي، تہ بہ اڳتي هلي سڄيءَ سنڌ تي ڏاهر جي بادشاهيءَ جي سالن جي حساب ڪڍڻ جي دشواريءَ کان پاڻ بچائي نہ ٿا سگهون. مجموعي طور، هن مفروضي جي آثار تي هلڻ وڌيڪ بهتر نظر اچي ٿو تہ ڏهرسيہ سال 685ع ۾ يا ان جي لڳ ڀڳ ڪنهن ويجهڙي سال ۾ مري ويو هو.

ڏاهر هاڻي پنهنجي مئل ڀاءُ جي خزاني ۽ برهمڻ آباد وارن علائقن تي قبضو ڄمايو. جيتوڻيڪ چيو وڃي ٿو تہ هن ان جي پٽ، چچ، کي پيءُ جو جائز وارث ۽ جانشين تسليم ڪيو هو. هن ڳالهہ جو ڪافي

امڪان آهي تہ هُن جي طرفان اهڙو وعدو ڪيو ويو هو. پر ڏاهر جي مرڻ کان پوءِ جڏهن اسان کي ٻيو ڀيرو انهيءَ نوجوان شهزادي جي متعلق اطلاع مليو ٿو، تڏهن اسين هن کي ڀاٽيہ ۾ جلاوطنيءَ جي زندگي گذاريندي ڏسون ٿا. هاڻي وري هڪ ڀيرو ٻيهر هڪ شاديءَ جو بيان اچي ٿو، جيڪا اعتبار جي حدن کان بلڪل ٻاهر آهي، ۽ انهيءَ شاديءَ ۾ ڏاهر پنهنجي پاءُ جي بيوھ کي زال بڻائي ٿو، جيڪا اگهم لوهاڻي جي ڌيءَ ۽ اهڙيءَ طرح سندس پيءُ چچ جي ماٽيلي ڌيءَ هئي ۽ ممڪن آهي تہ نندي چچ جي ماءُ پڻ هجي. انهيءَ معاملي ۾ بس ايترو ئي چئي سگهجي ٿو تہ جڏهن وڏي چچ سياسي سببن جي آڌار تي اهڙين سڱابندين ڪرڻ جي ذريعي پنهنجي سيني فرقيوارانہ تعصبات کي ترڪ ڪري ڇڏيو هو، تہ پوءِ سندس پٽ بہ جيڪڏهن ائين ڪري تہ ان ۾ ڪا بہ حيرت جي ڳالھ ڪانہ ٿي سگهي ٿي.

هن کان پوءِ ڏاهر پنهنجو اڪثر وقت الور جي بدران برهمڻ آباد ۾ گذارڻ لڳو. هو اونهاري جا چار مهينا راوڙ نالي هڪ قلعي ۾ گذاريندو هو، جيڪو چچ اڌورو تعمير ٿيل ڇڏي مري ويو هو، ۽ جنهن کي ڏهرسيہ تڪميل تي پهچايو هو ۽ جنهن جي ”آب و هوا صحت بخش ۽ پاڻي مٺو“ هئڻ مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اهو ڏکڻ-اوپر سنڌ ۾، گهڻو ڪري پُراڻ جي ڪناري تي ٺهيل هو. هو سيارو خود برهمڻ آباد ۾ ۽ بهار الور ۾ گذاريندو هو. انهيءَ طريقي سان، چيو وڃي ٿو تہ سڄا سارا اٺ سال گذري ويا ۽ ڏاهر سنڌ جي بادشاھ جي حيثيت ۾ پنهنجا پير پختا ڄمائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

ان کان پوءِ اتر طرف کان اچا بہ هڪ ٻي ڪاھ ٿي. ”چچ نامو“ ٻڌائي ٿو تہ اهو رمل جو بادشاھ هو، جنهن ڏاهر جي وڌندڙ طاقت کان حسد محسوس ڪندي، هن جي ملڪ فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ”تحفتہ الڪرام“ مطابق، اهو قنوج جو بادشاھ رائو مل راءِ هو. هن ڳالھ جي صاف ڪرڻ لاءِ ڪو بہ اشارو ڪونہ ٿو ملي تہ رمل جو هيءُ بادشاھ ”رمل جو بادشاھ سوپان راءِ ڀاٽيہ“ ئي هو، جيڪو ٻائيءَ جي ٻانهن جو ناڪام اميدوار هو، يا ان سان واسطو رکندڙ ڪو ٻيو بادشاھ هو. نہ وري اهو پتو ٿو پوي تہ رائومل راءِ قنوج جي ساهرس جو وارث ۽ جانشين هو.

جيڪو چندر جي بادشاهيءَ وارن ڏينهن ۾ سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو هو. هيءَ ڳالهه يقينن حيرت انگيز آهي ته ملڪ جي فتح ڪرڻ لاءِ اها ڪوشش، فقط انهيءَ وقت ۾ ڪئي وئي، جڏهن ڏاهر سچيءَ بادشاهيءَ جي مٿان پنهنجي اقتدار کي مستحڪم ڪري ڇڏيو هو. اُن جو موزون موقعو ته ظاهري طور انهيءَ زماني ۾ هو، جڏهن ڏاهر ۽ ڏهرسيه هڪٻئي سان دست و گريبان هئا ۽ پاڙيسري حڪمرانن کي مداخلت ڪرڻ لاءِ ڀائيءَ جي شاديءَ واري بدناموسيءَ جي ڳالهه هڪ بهانو مهيا ڪري ها.

جيتوڻيڪ ڏاهر جي بادشاهيءَ لاءِ چيو ويو آهي ته اُها مضبوط بنيادن تي قائم ٿي چڪي هئي، پر معلوم ٿئي ٿو ته هو بحرانن سبب همت هاري وينو هو، هو پنهنجي وزير کان مشورو گهري ٿو. جيڪو هڪ فصيح ۽ بليغ تقرير ۾ طريقي ڪار جا ٻه مختلف رستا ٻڌائي ٿو. ان هوندي ٻه ڏاهر آخر ۾ فقط اهو اعلان ڪري ٿو ته هو بيعزتيءَ تي موت کي ترجيح ڏيندو، پر هو اجا ٻه اها ڳالهه نٿو سمجهي سگهي ته ڇا ڪجي. وزير ٻڌيمان نهايت هوشياريءَ سان هن کي هڪ ٻئي صلاحڪار ڏانهن موڪلي ٿو. اُهو صلاحڪار علافي قبيلي جو هڪ عرب هو. جيڪو عبدالرحمان نالي هڪ شخص کي مڪران ۾ هڪ جهڳڙي ۾ قتل ڪرڻ ۽ خليفي طرفان جلاوطن ٿيڻ ڪري، سنڌ ڏانهن پهچي آيو هو ۽ پنهنجن پنجن سون پوئلڳن سميت ڏاهر جي نوڪريءَ ۾ اچي شامل ٿيو هو. ٻڌيمان جي هن صلاح تي ته "عرب قوم کان وڌيڪ دنيا ۾ ڪو ٻه ماڻهو جنگ جو فن نه ٿو ڄاڻي". ڏاهر هاڻي علافي سردار کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ڪيس چيو ته "هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي، جڏهن ڪيس انهيءَ مهربانيءَ ۽ پناهه لاءِ، جيڪا ڪيس سنڌ ۾ ملي هئي، عيوضو ادا ڪرڻ گهرجي." علافي پنهنجي بهادريءَ ۽ جرئت ڏيکارڻ جي اهڙي موقعي تي خوش ٿيو ۽ هن کي يقين هو ته هو ڪامياب ٿيندو. هن بادشاهه کان پنهنجن ماڻهن کان علاوه محض ڪجهه وڌيڪ سنڌي گهوڙيسوارن جي جٿي جي طلب ڪئي، ته جيئن هو دشمن جي ڇانوڻيءَ جي جاسوسي ڪري سگهي، ڏاهر کي پنهنجي مڪيه لشڪر سميت الور کان هڪ ميل جي مفاصلي تي محفوظ مورچي ۾ رهي انتظار ڪرڻو هو. عرب سردار ڏنو ته رمل جانباز،

جيڪي ڪنهن بہ مخالفت کان سواءِ سنڌ ۾ ايترو اندر گهڙي آيا هئا، پنهنجي لاءِ ڪو باقاعدي حفاظتي دستو نٿا رکن، ان ڪري هن پنهنجي گهوڙيسوار فوج جي مدد سان انهن تي راتاهون هنيو. اهو حملو مڪمل طور ڪامياب ٿيو ۽ اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ جنگ ۾ مارجي ويلن کان علاوه "اسي هزار بهادر انسان ۽ پنجاهہ هاٿي پڪڙيا ويا."

ڏاهر بظاهر سڀني قيدين کي قتل ڪرائڻ جي حق ۾ هو، پر سندس وزير هن کي چيو تہ بادشاهہ جو اهو فرض آهي تہ فتح حاصل ٿيڻ کان پوءِ هو رحمدليءَ جو مظاهرو ڪري. ڏاهر ان فراخدلانہ طريقي سان هلڻ ۾ اطمينان محسوس ڪيو.ڏاهر مسلمان سردارڪان خوش ٿي سردار علافيءَ کي چيو تہ "گهر جيڪي گهرڻو هجئي." علافي هن کي چيو تہ هو بي اولاد آهي ۽ ڪيس انهيءَ ڳالهہ جو فڪر هو تہ هو مرڻ کان پوءِ انهيءَ ملڪ ۾ وساريو نہ وڃي، جنهن جي هن ايڏي ڊگهي عرصي تائين خدمت ڪئي هئي. جيڪڏهن سندس نالو ملڪ جي سڪي جي پٺئين پاسي اهڙيءَ طرح سان اڪيري سگهجي، جهڙيءَ طرح ان جي سبتي پاسي تي خود بادشاهہ جو نالو اڪيريل رهي ٿو، تہ هو هميشہ لاءِ ياد رهندو. ڏاهر خوش ٿي، هن جو اهو عرض اگهايو.

"چچ نامي" جي مطابق، ڏاهر جي ڏينهن ۾، جڏهن هو سڄيءَ سنڌ جو واحد مالڪ هو، انهن واقعن کان اڳ ۾، جن جي نتيجي ۾ سنڌ تي سنڌيءَ طرح عربن حملو ڪيو. اهو واقعو وڏي ۾ وڏو ٿي گذريو هو. هڪ دفعو وري بہ اسان لاءِ هن ڳالهہ جو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو، جڏهن انهيءَ واقعي کي، ان جي مخصوص غير امڪاني تفصيلن جي لباس کان ڌار ڪري، ڏسون ٿا تہ اهو واقعي حقيقتن جي ٺوس بنياد تي بيٺل بہ آهي يا نہ! ممڪن آهي تہ اهو قصو ڏاهر کي هڪ بزدل انسان جي حيثيت ۾ ڏيکارڻ ۽ عرب سردار جي شان و شوڪت کي وڌائي ڏيکارڻ جي ٻٽي مقصد سان گهڙيو ويو هجي، جيڪو انهيءَ زماني ۾ اتفاق سان ڏاهر جي ملازمت ۾ اچي ويٺو هو.

اهو فرض ڪندي تہ رمل جي بادشاهہ طرفان سنڌ تي ڪاهہ سچ پچ ڪئي وئي هئي ۽ اهو بہ تسليم ڪندي تہ علافيءَ ان کي شڪست ڏيڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو هو، تہ پوءِ انهيءَ واقعي جو سال سن 85هه

مطابق سن 704ع مقرر ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اهو ئي سال هو، جنهن ۾ علافي قبيلي وارا ڪندابيل کي ڇڏي آيا هئا ۽ سنڌ جي بادشاهہ ڏاهر جي ملازمت ۾ اچي شامل ٿيا هئا. اها ڳالهہ ”چچ نامي“ ۾ ڏنل عربن جي انهن ڪارنامن مان صاف ظاهر آهي، جيڪي هُنن مڪران ۾ سرانجام ڏنا هئا. جن لاءِ تاريخ نويسن معلومات جا انهيءَ ڪان گهٽا بهتر ذريعا حاصل هئا. جيڪي هن کي انهيءَ زماني جي سنڌ جي بين واقعن متعلق ميسر هئا. اندازي تي مقرر ڪيل انهيءَ امڪاني سال ڪان وٺي، پٺتي حساب ڪندي، اهو نظر ايندو تہ ڏاهر جي پاءُ جي مرڻ ڪان پوءِ هن جي پُرامن بادشاهيءَ جو زمانو ”چچ نامي“ ۾ ڄاڻايل اٺن سالن جي بدران ارڙهن سال هوندو.

فقط ڪي ڇهہ يا ست سال پوءِ اهو واقعو رونما ٿيو، جنهن ڏاهر تي خليفي جي ڪاوڙ کي نازل ڪيو ۽ سنڌ جي خلاف اسلام جي ترار کي مياڻ ڪان ٻاهر آندو. ڪجهہ ساموندي لٽيرن، جن سان انهيءَ زماني خواه ان ڪان پوءِ ڪيترين ئي صدين تائين ڪاٺياواڙ، ڪڇ ۽ سنڌ جا ساموندي ڪنارا ڀريا پيا هوندا هئا ۽ جيڪي پنهنجين سرگرمين لاءِ ڪنهن طرح ديبل بندر بہ استعمال ڪندا هئا، ڪجهہ جهازن تي قبضو ڪيو، جيڪي خليفي لاءِ قيمتي مال کڻي وڃي رهيا هئا. انهيءَ واقعي جي متعلق ”چچ نامي“ جي روايت اها آهي تہ اهو قيمتي سامان سلون جي راجا طرفان خليفي ڏانهن موڪليل سوکڙين پاکڙين تي مشتمل هو، جنهن ۾ موتي، هيرا جواهر ۽ ڪجهہ حبشي غلام شامل هئا. جهاز تي ڪجهہ مسلمان عورتون بہ سوار هيون، جيڪي ڪعبي جي زيارت ڪرڻ ۽ خليفي جي دارالحڪومت کي ڏسڻ لاءِ سفر ڪري رهيون هيون. انهن کي پڻ فورن طرفان پُنگ جي رقم وصول ڪرڻ لاءِ ديبل ۾ روڪيو ويو.

جيڪڏهن عرب خلاصي ۽ جهازران انهيءَ دؤر ۾ سيلون ڏانهن ساموندي سفر ڪري رهيا هئا، جيئن بلڪل ممڪن ٿي سگهي ٿو، تہ اها ڪا غير امڪاني ڳالهہ ناهي تہ اتان جو بادشاهہ اسلام جي طاقت جون ڳالهيون ٻڌڻ سان ايتريقدر متاثر ٿيو هجي، جو هن خليفي ڏانهن تحفا تحائف موڪليا هجن. جهازن تي مسلم عورتن جي موجودگيءَ جو هن مفروضي ڪان سواءِ ڪو جواز موجود ڪونهي تہ سلون جي ساموندي بندرن

يا هندستان جي مغربي ڪناري تي ڪي عرب واپاري آباد ٿيل هئا. اسان کي اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ انهن جهازن تي ڪجهہ واپاري پڻ سوار هئا، جن کي بہ ديبل تي روڪيو ويو. پر اهو نہ ٻڌايو ويو آهي تہ اهي مسلمان هئا يا سلون جا رعيتي هئا.

"تاريخ معصوميءَ" جي مطابق اهي جهاز ڪن شامي واپارين جا هئا، ۽ انهن کي خليفي عبدالملڪ طرفان ڪنيزن ۽ هندستان ۾ نهندڙ قيمتي ڪپڙن خريد ڪرڻ لاءِ، اوڏانهن موڪليو ويو هو. اهي جهاز 'نهيءَ سامان سان ڀرجي، موٽ تي ديبل بندر وٽ اچي لنگرانداز ٿيا. جتي انهن تي ساموندي لٽيرن حملو ڪري، مٿن قبضو ڪيو. اِهو بيان مجموعي طور تي اُنهيءَ بيان کان وڌيڪ امڪاني معلوم ٿئي ٿو، جيڪو "چچ نامي" ۾ ڏنل آهي.

جهازن جي خلاصين مان ڪن پاڻ کي قيد ٿيڻ کان بچائي ورتو ۽ اهي لڪندا پهچندا، خليفي جي اوپر واري گورنر، حجاج، وٽ وڃي پهتا. جڏهن هن کي اها خبر ٻڌائي وئي تہ ڪجهہ مسلمان عورتن قيد ٿيڻ وقت هن جو نالو ڪڍي، ڪيس مدد لاءِ پڪاريو هو، تڏهن هو رڙ ڪري اٿيو ۽ چيائين تہ "اجهو آيس!" ڇڪ هو انهن عورتن جا آواز انهيءَ مهل ٻڌي رهيو هو. هن فورن هڪ خط ڏاهر ڏانهن لکايو، جنهن ۾ هن کان تحڪمانہ انداز ۾ مطالبو ڪيو ويو تہ هو عورتن کي هڪدم آزاد ڪري ۽ جيڪي تحفا تحائف خليفي ڏانهن موڪليا ويا هئا، سي بہ هڪدم واپس ڪرڻ جو انتظام ڪري. قاصد کي پهريائين مڪران جي ڪمانڊر محمد هارون ڏانهن موڪليو ويو، جنهن لاءِ هدايت هئي تہ هو اُن قاصد کي هڪ آفيسر ساڻ ڏئي، ڏاهر ڏانهن عورتن جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ خاطر اڳتي موڪلي. ڏاهر خط ملڻ سان پنهنجي مٿان ڪنهن بہ ذميداريءَ کي قبول ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو ۽ جواب ۾ چيائين تہ اهي ساموندي لٽيرا سندس قبضي ۾ ڪين هئا، انهيءَ ڪري هو اُن باري ۾ ڪجهہ ڪرڻ کان قاصر هو. ان کان پوءِ حجاج سڄو معاملو خليفي وٽ پيش ڪيو ۽ ڪجهہ تڪليف سان مس مس هن کي سنڌ جي خلاف جهاد جي اعلان ڪرڻ تي آماده ڪيو.

جيتوڻيڪ بُديل جي زير قيادت ديبل تي هن مهم جي پهرين

ڪاهہ. مڪاني سنڌي فوج تي ابتدائي سوڀ پائڻ کان پوءِ ڏاهر جي پٽ جئسيہ هٿان شڪست کائي، پوئتي موٽي چڪي هئي، تنهن هوندي بہ نيرون جي ٻوڌي حاڪم کي جنهن جي شهر کي پڻ مسلمان فوجن کان خطرو محسوس ٿي رهيو هو. اها خاطري ٿي چڪي هئي تہ اُن کان پوءِ عربن طرفان هڪ ٻي وڏيڪ طاقتور مهم سنڌ جي خلاف موڪلي ويندي، انهيءَ ڪري هُن حجاج سان هڪ خفيہ ناهہ ڪري، خود پنهنجي ۽ پنهنجي شهر لاءِ پناهہ جي ضمانت وٺي ڇڏي ۽ عربن جي اَڻ مجڻ لاءِ، ويندي اُنهن کي ڏن ادا ڪرڻ تائين، پاڻ کي ذميدار بنائي ڇڏيو. ڏاهر لاءِ سمجهجي ٿو تہ هو ائين سمجهي ويهي رهيو هو تہ هُن اُن طرف کان وڏيڪ جارحيت جي خلاف ڪافي ڪجهہ اقدام ڪري ڇڏيا هئا (تي سگهي ٿو تہ جئسيہ هٿان بذيل جي پهرينءَ ڀاڃ تي، اُن سلسلي ۾، هو ضرورت کان زياده مطمئن ٿي چڪو هو)، جنهن ڪري هُن ديبل کي وڏيڪ مضبوط بنائڻ يا ڏکڻ اولهہ سنڌ ۾ فوجن جي جوڳي انتظام لاءِ وڏيڪ ڪجهہ بہ نہ ڪيو. اندازو اهو آهي تہ هو محمد بن قاسم جي پيشقدميءَ کان باخبر بہ هو. پر هن ايڏي وڏي لشڪر جي حملي کان ديبل کي پنهنجو بچاءَ پاڻ ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏنو ۽ انهيءَ قلعي جي حاڪم، جئهين پٽ ٻـَرسيات راوت، ڏانهن مدد طور فقط اَٺ ۽ گهوڙا موڪلي ڏنا. "چچ نامي" مطابق انهيءَ قلعي جي برهمڻ، جيڪو گهيري جي شروع ٿيڻ جي پهرين ئي ڏينهن ۾ حملہ آور ڪمانڊر جي ڇانوڻيءَ ۾ وجي حاضر ٿيو هو ۽ جنهن هن کي ٻڌايو هو تہ قلعي تي قبضو ڪيئن ڪيو وڃي، تنهن پنهنجي انهيءَ روش جي وضاحت هن طرح ڪئي تہ ستارن مان صاف طرح سنڌ تي اسلام جي غلبي ۽ قبضي جي پيشنگوئي ٿي چڪي هئي. بعد ۾ اسين ڏسون ٿا تہ ٻُڌيہ جو حاڪم ڪاڪا ڪوتڪ بہ سنڌ جي جوتشين جي انهيءَ اڳڪٿيءَ کان باخبر هو. ايتري قدر، جو هن عرب فوج تي فقط راتاهون هڻڻ تي رضامندو بہ تمام گهٽي شش و پنج کان پوءِ ڏيکاريو هو. پوءِ جيئن ئي هُن جو اهو راتاهو ناڪامياب ٿيو، تيئن ئي هن هڪدم اَڻ ڪٽي مجي ۽ ان لاءِ هن سبب اهو ئي ڳرهن جو اڳواٽ ٿيل فيصلو ڏنو. موڪاهہ پٽ وسايو نالي هڪ ٻئي سردار بہ وفاداري بدلائڻ لاءِ اهو ساڳيو سبب پيش ڪيو. اسين هن باري ۾ شڪ

نہ تا ڪري سگهون تہ اهو خيال تيزيءَ سانِ سنڌي ملڪ ۾ ڦهلجي ويو هو ۽ اُن ماڻهن کي جنهن خوف ۽ هراس ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو. تنهن جو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. سنڌوءَ جي الهندي ڪپ وارن سنڌ جي ماڻهن کي سندن بادشاهہ قسمت جي چڪر ۾ ڦاٿل ۽ بي يار و مددگار نظر اچي رهيو هوندو. ڇاڪاڻ تہ هُن انهن جي مدد لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيو. ٻڌايو وڃي ٿو تہ ڏاهر پاڻ بہ جوتشين سان مشورو ڪيو هو. جيڪي هنن معاملن ۾ رواجي طرح شاهي ناراضگيءَ ۽ غضب جي نتيجن کانَ آجا ۽ بي فڪر هوندا هئا ۽ هنن. سواءِ ڪنهن رک رکاءُ جي، ڪيس چئي ڏنو تہ اسلامي لشڪر جي نصيب ۾ فتح لکيل آهي ۽ هن کان پوءِ نيرون سندن قبضي ۾ ايندو. نيرون جو حاڪم. جنهن لاءِ اسان اڳيئي معلوم ڪري آيا آهيون تہ هو حجاج سان معاهدو ڪري، غدار بنجي چڪو هو. سو انهيءَ وقت ڏاهر جي درٻار ۾ موجود هو. جيتوڻيڪ بادشاهہ کي هن ۾ سڌيَ سنئين شڪ ڪرڻ جو ڪو سبب نظر نہ ايندو هو. اُن جي باوجود هن کي اهڙين حالتن اندر هن جي مدد ۽ پٺڀرائيءَ لاءِ وڏيڪ لشڪر ڏيڻ کان سواءِ واپس اوڏانهن موڪلڻ. بظاهر تباهيءَ کي دعوت ڏيڻ جي برابر هو. پر ڏاهر ائين ئي ڪيو ۽ انهيءَ حاڪم اتي پهچڻ شرط قلعو عربن جي قبضي ۾ ڏئي ڇڏيو ۽ پاڻ حجاج سان ڪيل ناهہ جي پوئواري ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

اهڙي طرح وري سيوستان ۾ ٻڌمت جي بزدل پوڄارين پاران قلعي جي گورنر. ڏاهر جي سوٽ ٻڄيرا. کي ٻنان لڙائيءَ جي پيش پوڻ جي صلاح ڏيڻ پڻ عربن جي حق ۾ هو ۽ هنن پهريائين تہ پنهنجي حاڪم کي پنهنجي مذهب جي انهيءَ عقيدي جو واسطو ڏنو. جنهن موجب رتوڇاڻ ڪرڻ ڇڱو ڪم ڪونہ هو. پر جڏهن انهن هُن کي ضد ڪندي ڏٺو. تڏهن ڪيس صاف لفظن ۾ چتاءُ ڏنائون تہ هو پاڻ سڌيءَ طرح مسلمانن سان عهدنامو ڪندا. جيڪي "پنهنجي وعدي کي پاڙڻ جي شهرت رکندڙ آهن" ۽ انهيءَ طرح سندن جانيون ۽ مال ملڪيت نقصان کان بچي سگهندا. معلوم ٿئي ٿو تہ شهر ۾ انهن جي ئي اڪثريت هئي ۽ جيئن ئي گهيرو شروع ٿيو. تيئن ئي انهن حملہ آور فوج ڏانهن پيغام موڪلي ڏنو تہ ٻڄيرا وٽ مقابلي ڪرڻ جي طاقت ڪانهي. اها حالت ڏسي، قلعي جو

حاڪم فرار ٿي ويو ۽ ٻوڏي شھرين سان آھائي روش اختيار ڪئي ويئي، جنھن جي انھن توقع رکي، عھدنامو ڪيو ھو.

اولھندي سنڌ جي جنگجو چنا قبيلي جي ڦري وڃڻ جو سبب اھو معلوم ٿي رھيو آھي، جو انھن جي ڪنھن بہ قيادت ڪانہ ڪئي. "تحفتہ الڪرام" مطابق، ھنن مسلم چانوٽيءَ ڏانھن پنھنجو جاسوس جائزي وٺڻ لاءِ موڪليو ۽ چيو وڃي ٿو تہ ھن واپس اچي جڏھن ڪين مسلمانن جي نماز ۾ ڏنل اتحاد ۽ نظم و ضبط جو بيان ٻڌايو، تڏھن اھي ايتريقدر تہ متاثر ٿيا، جو ھنن پنھنجي قسمت مسلمانن جي حوالي ڪري ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو.

ڪاڪا ڪوتڪ، ٻُڌيہ جو حاڪم، جنھن لاءِ اسين اڳيئي چئي آيا آھيون تہ ھن جڏھن حالات مان ستارن جي پيشنگوئيءَ کي سچو ثابت ٿيندي ڏٺو، تڏھن ھو پيش پيو، تنھن کي محمد بن قاسم پنھنجي قرب ۾ ايترو تہ ٻڌي ڇڏيو، جو ھو مسلمانن جي حق ۾ ھڪ نھايت ئي جاندار ڪارڪن ثابت ٿيو ۽ ھن سنڌ جي بين ڪيترن عاملن ۽ حاڪمن کي اڻ مڃڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ عربن ڪان انھن کي سلامتيءَ جي ضمانت وٺي ڏنائين، ۽ جيڪي مقابلي ڪرڻ تي آماده ٿيا ٿي، تن جي خلاف ھو پاڻ عرب فوج جي رھنمائي ڪندو رھيو.

اھڙيءَ طرح اسين ڏسون ٿا تہ سنڌ جي سچي الھندي علائقي ۾ ڏاھر جي رعايا جو ھر طبقو ھن کي ڇڏيندو ويو. جيڪڏھن بادشاھہ فقط ھمت ڪري عربن جي پيشقدميءَ کي روڪڻ ۽ سندن مقابلي ڪرڻ لاءِ ڪو لشڪر اوڏانھن موڪلي ھا، تہ شايد گھٽائي حاڪم ۽ سردار ھن سان پوريءَ طرح وفادار رھن ھا. نيرون جي "ساماني" حاڪم کي، ھڪ اھڙي وقت تي دشمن سان معاھدي ڪرڻ لاءِ، جڏھن ڏاھر، ھڪ بادشاھہ جي شان مطابق، دشمن کي ديس مان ڌڪي ڪڍڻ لاءِ پنھنجي پٽ کي روانو ڪري رھيو ھو، واقعي غدار قرار ڏئي سگھجي ٿو.

بھرحال، سنڌ جي اولاھين حصي تي مسلمانن طرفان ڪيل قبضي ڇڏائڻ جي گھٽ ۾ گھٽ ھڪ ماٺھوءَ ڪوشش ضرور ڪئي. چندا رام ھالو ھن عربن خلاف گوريلا جنگ جي شروعات ڪئي ھن جي متعلق چيو وڃي ٿو تہ ھو سيوستان جو سابق گورنر ٿي رھيو ھو. تنھن "انھيءَ

علائقي جي ڪجهه ناڪرن ۽ مقامي عملدارن کي انهيءَ بغاوت ۾ سندس ساٿ ڏيڻ لاءِ آماده ڪيو. جيڪا قلعي جي قبضي حاصل ڪرڻ ۽ ضلعي ۾ موجود عرب فوج کي هڪالي ڪيڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي پر هن کي محمد بن قاسم طرفان موڪليل هڪ فوج طرفان شڪست ڏني وئي ۽ ائين پيو پائنجي ته هو انهيءَ معرڪي ۾ مارجي ويو. شهر جا رهاڪو هن سان ڪنهن به تعلق هئڻ جي دعويٰ کان انڪاري ٿيا ۽ چيائون ته هو ڏاڙيلن جو اڳواڻ هو. جنهن اوچتو انهيءَ جاءِ تي قبضو ڪيو هو ۽ ان ڳالهه تي سپه سالار جي ماتحت سردار. محمد مصعب. هنن کي معاف ڪري ڇڏيو. انهيءَ رحمدليءَ ماڻهن جي راءِ کي عربن جي حق ۾ موڙي ڇڏيو. ۽ پوءِ شهر جي سلامتي ۽ بچاءُ لاءِ نون انتظامن ڪرڻ کان پوءِ محمد بن مصعب آسپاس جي علائقن مان عربن جي مڪيه لشڪر ۾ امدادي دستي طور ڇهن هزار جنگجو ۽ ويڙهو ماڻهن جو هڪ وڏو لشڪر سندن جهنڊي هيٺ خدمت ڪرڻ لاءِ آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

انهيءَ واقعي کان اڳ ديبل کان آيل ماڻهن جي هڪ جماعت طرفان، جيڪا هاڻي مسلمانن جي مفاد ۾ ڪم ڪري رهي هئي، محمد بن قاسم کي چيو ويو هو ته مهراڻ جي اڀرندي طرف واقع "بيٽ" ضلعي جو هڪ بااثر سردار. راسيل ولد وسايو. سندن تقليد ۾ ڪم ڪرڻ جو خواهشمند هو ۽ بين ماڻهن کي پڻ ائين ڪرڻ جو مشورو ڏئي رهيو هو. جلد ئي پوءِ راسيل پاڻ مسلمانن جي سالار اعليٰ کي پيغام موڪليا. جن ۾ هن پنهنجي وفاداريءَ جو اظهار ڪيو. پر ان کان پوءِ جيڪي ڳالهيون رونما ٿيون، تن مان ائين پيو پائنجي ته هو پنهنجي طرفان عربن کي وفاداريءَ جو قطعي وعدي ڏيڻ جي معاملي کي انهيءَ وقت تائين ملتوي ڪندو رهيو، جيسين ڪيس اسلام جي فتحمند ٿيڻ جي خاطري نه ٿي. هن جي ڀاءُ، موڪي بن وسايو پڻ، جنهن جا هن سان تعلقات خوشگوار نه هئا، محمد بن قاسم کي پنهنجي طرف متوجه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جيئن ته سندس انهيءَ ڪوشش کي چڱيءَ نظر سان ڏٺو ويو. ان ڪري هن پنهنجي ڀاءُ راسيل کان گوءِ کٽي وڃڻ جو فيصلو ڪيو ۽ جيئن ئي ڪيس سپه سالار طرفان اهو پڪو وعدو مليو ته جيڪڏهن هو مسلمانن جي طرفدار هئڻ جو کليو اعلان ڪندو ته ڪيس انهيءَ علائقي جي حڪمران

جي حيثيت ۾ مستقل طور مقرر ڪيو ويندو. تڏهن هن هڪ اهڙو منصوبو گهڙيو. جنهن لاءِ هن سمجهيو تہ اهو هن کي سندس قوم جي ماڻهن ۾ بدنام ٿيڻ کان بچائيندو. اهو منصوبو هيءُ هو تہ هو عربن جو اوچتو ۽ اتفاقي طور قيدي بڻجي ويندو. انهيءَ منصوبي جي متعلق هن جو خط. بظاهر حادثاتي طور عربن جي ور چڙهڻو هو. چچنامي مطابق. هن محمد بن قاسم کي پنهنجي انهيءَ منصوبي جو اطلاع جنهن خط ۾ پهچايو. تنهن ۾ هن پنهنجن حقير ۽ نفرت جوڳن مقصدن کي صاف صاف بيان ڪيو. سپہ سالار. يقينن هن لاءِ پنهنجي دل ۾ نفرت محسوس ڪئي هوندي، پر موڪي جنهن انتظام ٿيڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو هو. سو هن عملي صورت ۾ ڪرڻ منظور ڪيو. ڏاهر کي درحقيقت انهيءَ باري ۾ خبردار ڪيو ويو هو تہ موڪو هن سان غداري ڪرڻ وارو آهي، پر وقت نڪري چڪو هو ۽ هو سندس خلاف قدم کڻي نہ سگهيو. موڪي کي، منصوبي مطابق. پڪڙيو ويہ ۽ محمد بن قاسم طرفان هن کي "بيٽ" ضلعي جو موروثي راڻو تسليم ڪيو ويو ۽ ساڻس نهايت امتيازي سلوڪ ڪيو ويو. واقعن جي تحريري بيان مطابق. اهو پهريون مثال هو. جنهن عربن طرفان ڪنهن کي اهڙو اعليٰ اعزاز عطا ڪيو ويو هو. پر هن کي جيڪو علائقو اهڙيءَ طرح قبضي ۾ ڏنو ويو. سو مهراڻ جي اپرندي ڪناري تي هو ۽ مسلمان فاتحن جي زبردست هٿڻ جي حيثيت ۾ موڪي جو پهريون فرض. انهن کي درياءُ پار ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ٻيڙيون ڪنيون ڪري ڏيڻ هو.

محمد بن قاسم. انهيءَ وچ ۾ ڏاهر ڏانهن پنهنجو ايلچي موڪلي ڏنو هو. جنهن سان گڏ هن راجا جي سابق رعايا مان هڪ اهڙو ماڻهو پڻ مترجم طور موڪليو. جيڪو ديبل جو رهاڪو هو ۽ انهيءَ وقت مذهب بدلائي مسلمان ٿي چڪو هو. راجا کي هنن ٻن ڳالهين مان هڪ تجويز تي عمل ڪرڻ جي آڇ ڪئي وئي تہ يا تہ هو پاڻ لشڪر سميت درياءُ پار ڪري، الهندي ڪناري تي اچي، ساڻن لڙائي ڪري، يا تہ هو عرب فوج کي ساڳيءَ طرح. ٻنان ڪنهن مقابلي جي، درياءُ پار ڪرڻ ۽ سندن مرضيءَ مطابق منتخب ڪيل لڙائيءَ جي ميدان تائين اچڻ جي اجازت ڏئي.

ڏاهر پنهنجي وزير، ٻڌيمان، جي جانشين سان صلاح ڪئي، جنهن جو نالو سياڪر هو. هن ڪيس ياد ڏياريو تہ هن انهيءَ موقعي کان اڳ سندس انهيءَ صلاح کي نظرانداز ڪيو هو، جنهن ۾ ڪيس چيو ويو هو تہ هو درياءَ جي الهندي ڪناري تي عربن جي قبضي ڪرڻ کان اڳ پنهنجي لشڪر کي اتي پهچائي. پر هاڻي، موزون رستو اهو ئي هو تہ هنن کي درياءَ پار ڪرڻ ڏنو وڃي، ملڪي ماڻهن ۽ مالي وسيلن تي مشتمل ملڪ جي مکيہ طاقت سنڌ جي اپرندي حصي ۾ هئي ۽ ان کي عربن جي خلاف چڱيءَ طرح استعمال ڪري سگهبو. جڏهن تہ مهراڻ انهن جي پٺ ۾ هوندو، جيڪو انهن جي نئين ۽ تازي فوجي مدد ۽ رسد جي سامان پهچڻ جي رستي ۾ مؤثر رڪاوٽ ثابت ٿي پئي سگهي. محمد علافيءَ، جنهن سان ڏاهر ان کان پوءِ مشورو ڪيو، هن کي انهيءَ رستي اختيار ڪرڻ خلاف صلاح ڏني. اسلامي لشڪر هڪ دفعو سنڌ جي اپرندي علائقي ۾ پنهنجا پير ڄمائيندو تہ پوءِ اهي انهيءَ علائقي تي قبضو قائم رکندا ۽ بادشاهہ جا گهڻا ماڻهو انهن جي پيش پوندا. مهراڻ کي دفاعي لائين طور قبضي ۾ رکيو وڃي ۽ ان تي بيڙين رستي پهرو لڳايو وڃي ۽ الهندي طرف وارين قومن ۽ قبيلن کي حڪم ڏنو وڃي تہ اهي عربن جي پٺيان ڇاپہ مار جنگ جاري رکن ۽ انهن جي رسد ۽ فوج جي پٺيان رهجي ويل انهن جي ماڻهن کي مکيہ لشڪر سان ملڻ کان روڪيو وڃي.

ڏاهر اهو فيصلو ڪيو تہ هن معاملي ۾ سندس وقار لاءِ بهترين رستو اهو ٿيندو تہ هو پاڻ کي بي پرواهہ ظاهر ڪري ۽ ان ڪري هن عرب سپہ سالار کي اطلاع ڪيو تہ درياءَ پار ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جي چونڊ جو معاملو هو خود سندس مرضيءَ تي ڇڏي ٿو. هاڻي هن کي موکي بن وسايو جي دغابازيءَ جي خبر پئي. جنهن تي هن پنهنجي پٽ، جئہ سيہ کي هڪ طاقتور لشڪر سان مسلمانن جي آڏو محاذ قائم ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏنو. انهيءَ وقت عربن کي رسد جي سامان جي ڪمي محسوس ٿي رهي هئي ۽ هنن جا گهڻا ئي گهوڙا بيماريءَ وگهي مري چڪا هئا. جنهن صورتحال ڏاهر کي همت ڏياري، جو هن مسلمان سپہ سالار کي سندس مجبوريءَ ۽ لاچاريءَ جو طعنو ڏياري موڪليو. ائين پيو ڏسجي تہ هن هڪ ڀيرو وري سيني احتياطن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي زبردست طاقت ۾

مقرر ڪيو ۽ پنهنجي پٽ کي اتان واپس گهرائي ورتو. راسيل محمد بن قاسم کي ٻيڙين جي پل ٺاهڻ ۽ فوج سميت درياءَ پار ڪري اچڻ کان روڪي نہ سگهيو. جنهن تي ڏاهر وري پنهنجي پٽ جئہ سيہ کي عربن جي مقابلي ڪرڻ ۽ کين روڪڻ لاءِ موڪليو. جڏهن انهن جا پير درياءَ جي اڀرندي ڪپ تي مضبوطيءَ سان ڄمي چڪا هئا. معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌين کي ڪافي دشوار حالات ۾ وڙهڻو پيو. سنڌن سڄو لشڪر مارجي ويو ۽ خود جئہ سيہ اتفاق سان جان بچائي اچڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

راسيل هاڻي محمد بن قاسم اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري پيش پوڻ ۽ آڻ مڃڻ جو فيصلو ڪيو ۽ جيڪڏهن اسين "چچنامہ" تي يقين ڪريون، تہ هن عرب سردار کي هن ڳالهہ لاءِ آماده ڪيو تہ هو سندس حالت ۾ بہ اهو ساڳيو ئي انتظام ڪري، جهڙو هن سندس پيءُ، موڪاه جي پٽ رکڻ لاءِ ڪيو هو. چنانچہ، رٿيل تجويز مطابق، گرفتار ٿي، راسيل جڏهن عرب سپہ سالار وٽ آيو، تہ کيس بہ هن جو قرب حاصل ٿي ويو. ۽ هن پنهنجي پيءُ سان تعاون ڪري، پنهنجي مقامي ڄاڻ ۽ معلومات جو فائدو عربن کي ڏنو. پر هن پنهنجي انهيءَ غداريءَ ۽ دغابازيءَ جي جنهن انعام حاصل ڪرڻ جي توقع رکي هئي، تنهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ هو زنده رهي نہ سگهيو.

ڏاهر لاءِ هاڻي پنهنجي انهيءَ قول کي پاڙي ڏيڻ جو وقت پهتو هو تہ هو پنهنجي ملڪ ۽ عزت کي بچائڻ لاءِ مردانہ وار ميدان ۾ اچي، پنهنجي جان جي بازي لڳائيندو.

"چچ نامي" ۾ انهيءَ جنگ جو وڏي تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن سنڌ جي قسمت جو فيصلو ڪيو. معلوم ٿئي ٿو تہ راجا ڏاهر جو لشڪر پوريءَ طرح هٿياربند هو ۽ ان جو تعداد بہ عربن جي فوج کان وڌيڪ هو. جن نَڪُرن وٽ فوج جي وڏن دستن جي قيادت هئي، سا بنان ڪنهن شڪ شبهي جي، راجپوت امير هئا. پر عام سپاهين جي متعلق اسان کي فقط اهو ٻڌايو ويو آهي تہ سنڌ جي اڀرندي ڪپ وارن جٽن جو انتهائي طاقتور لشڪر ميدان ۾ موجود هو. شايد گهوڙيسوار، جيڪي "سڀ لوهہ ۾ ويڙهيل هئا" ۽ جن مان ڪن پنهنجا وار ڪولي ڇڏيا

هئا ۽ ڪن ٻين انهن کي ويڙهي، ٻڌي ڇڏيو هو. سي پڪ ئي پڪ راجپوت هئا.

هاٿي، سنڌ جي جنگي جوڌن، جڏهن نيٺ پنهنجي راجا کي سندن قيادت پاڻ ڪندي ڏٺو، تڏهن سندن همتون وڌي ويون. پهرئين ڏينهن جي ويڙهه مجموعي طور عربن جي ئي فائدي ۾ وئي. پر اها فقط ننڍن ننڍن فوجي دستن جي لڙائي هئي ۽ اها ڪنهن به طرح سان فيصلو ڪُن ڪانه هئي. ٻئي ڏينهن تي، ڪي مُٺ ڀر سنڌي واقعي پنهنجي بادشاهه جو طرف ڇڏي، وڃي عربن سان مليا ۽ اعلان ڪيائون ته اسين اسلام قبول ڪريون ٿا. جنهن جي ڪري هنن کي ڏاهري فوج تي پٺ کان حملي جي رهنمائي ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. ان جي نتيجي ۾ ڪجهه گڙٻڙ پيدا ٿي، پر انهيءَ ڪري عام سطح تي سنڌي فوج جي ڪا هار ڪانه ٿي ۽ نه ئي ڪي ٻيا ماڻهو پنهنجون قطارون ڇڏي، دشمن سان ئي وڃي مليا. ڏاهر بذات خود جنگ جي صورتحال کي پنهنجي قبضي ۾ رکيو. ان موقعي تي هن جنهن جرئت جو مظاهرو ڪيو، سي جيڪڏهن واقعي انهيءَ آخري گهڙيءَ کان اڳ ۾ نمايان ٿين ها، ته هوند سنڌ بچي وڃي ها. جنگ هلندي، هڪ موقعو اهڙو به آيو، جڏهن سنڌي لشڪر پنهنجي بادشاهه جي مثال جي تقليد ڪندي، جنهن ۾ هن هڪ اهڙي عرب بهادر کي قتل ڪري وڌو، جيڪو هن جي مقابلي ۾ وڌي ميدان ۾ آيو هو. اسلامي لشڪر جون صفون ذري گهٽ ٽوڙي وڌيون هيون ۽ اهڙيءَ حالت ۾ فقط محمد بن قاسم جي شخصي ڪوششن ئي عرب سپاهين جي قطارن ۾ نظم و ضبط بحال رکي سگهيون. اهو سچو ڏينهن سنڌي زبردست نقصان برداشت ڪندا، مضبوط ارادي ۽ پختي عزم ۽ جرئت سان وڙهندا ئي رهيا. تان جو شام ڌاري شاهي گهراڻي جي گهوڙيسوارن کان علاوه باقي ڪي ٿورا ئي وڃي بچيا. ڏاهر انهيءَ مهل سپاهين جي هڪ دستي جي حملي جي رهنمائي ڪري رهيو هو، جڏهن سندس هاٿيءَ جي هوديءَ کي هڪ آتشين تير لڳڻ ڪري باهه وٺي وئي. هن جو هاٿي ضابطي کان نڪري ويو۽ باهه جي تيزيءَ کان بچڻ لاءِ پاسي واري پاڻيءَ ۾ ڏوڪي

پيو ۽ ائين ڪندي پنهنجن سوارن کي اونڌو ڪري ڪيرائي ڇڏيائين. هن صورتحال جو مقابلو ڪندي، سنڌ جو هي سورهيه بادشاهه مارجي ويو ۽ ـ ندس باقي بچيل لشڪر جلد ئي ٽڙي پکڙي ويو.

۽ ائين سنڌ جي برهمڻ گهراڻي جو راجا ڏاهر جي بهادرانه موت موت سان خاتمو اچي ويو. جيتوڻيڪ سندس پٽ جئه سيه پوءِ به جدوجهد قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ حملہ آورن طرفان سڄيءَ بادشاهيءَ تي قبضي ڪرڻ تائين پوريءَ همت ۽ استقلال سان ويڙهه هلندي رهي، بهرالحال عرب ڪافي مزاحمتن کي منهن ڏيڻ بعد سنڌ تي قابض ٿي ويا ۽ هن پيري انهن جي ڪاميابي جو مک سبب سنڌ جي ڪجهه غدار ڪردارن جي غداري ۽ هڪ مسلمان پناهگير سردار جي راجا ڏاهر سان بي وفا ئي هيا.

آھي تہ راجا چچ جو پاءُ راجا چندر سين جڏھن تخت تي وينو تہ ٻڌ ڌرم کي زور وٺائڻ طرف رخ رکيو. ھن ٻڌ جي پيڪشن پوڄارين سان خاص رعايتون ڪيون ھيون. ھر ھڪ کي معلوم آھي تہ برھمڻ جو مذھبي تعصب ملن جي تعصب کان بہ ڪي رتيون ڪٽر آھي. سندن انھيءَ پاليسيءَ ڪري ٻڌ ڌرم مرڳو ھندستان مان ئي نڪري ويو. پر اھو سنڌ جو ملڪ ئي ھو جتي ھن راجا جي ڏينھن ۾ ٻڌ ڌرم پوري زور تي ھو. جن جي موجودگي بنسبت ٻين ھندو حاڪمن جي راجا ڏاھر جي رواداريءَ جو ثبوت ڏي ٿي. سندس دور حڪومت ۾ بہ گورنر ٻڌ ڌرم جا ھئا نہ رڳو ايترو پر ھڪ مسلمان عرب محمد علافي نالي ساري قبيلي سان بني امين جي ظلم کان لڏي سنڌ ۾ اچي راجا ڏاھر جي پناھہ ھيٺ رھيو. ان سان راجا اھڙو سلوڪ ڪيو جو سڪي ٻي طرف ھن جو نالو اڪيرڻ جي اجازت ڏني. اھڙي رواداري جو سلوڪ تاريخ ۾ ڪو ڇدو نظر ايندو

اھڙي منصف مزاج راجا تي متعصب ھئڻ جو بھتان اھڙن ماڻھن طرفان لڳائڻ جن جي تاريخ جو ڪيترو حصو تعصب ۽ ڪٽر پڻي سان ڀريو پيو ھجي. بدديانتيءَ کان سواءِ ڪجھہ نہ آھي.

4 - چوٿون بھتان راجا ڏاھر تي اھو لڳايو ٿو وڃي تہ ھو عياش ۽ ظالم حڪمران ھو. خبر نہ آھي انھن لفظن مان بھتان لڳائيندڙ ماڻھن جو مقصد ڪھڙو آھي. ڇا راجا ڏاھر جي ٻن نياڻين جيڪي بادشاھہ لاءِ تحفو ڪري موڪليو ويون ھيون ،سان زنا ڪرڻ جرم ۾ سزا ڪائيندڙ ماڻھو راجا جي زال، ڇوڪرين جي ماءُ سان زوريءَ شادي ڪندڙ. سنڌين جي عورتن کي ٻانھيون بنائي بنا نڪاح جي انھن سان صحبت ڪرڻ کي جائز ڄاڻندڙ ھزارھاسنڌي عورتن ۽ مردن کي وڪرو ڪندڙ زياده گناھگار آھي يا وطن جي حفاظت لاءِ سر ڏيئي سرھو ٿيندڙ ڏوھاري آھي؟

راجا ڏاھر 92 ھجري مطابق 712ع تي سنڌ خاطر لڙي شھيد ٿيو. ھر ھڪ سچي سنڌيءَ کي ان جي ڪارنامي تي فخر ٿيڻ گھرجي. ان لاءِ آءُ ڪيس سنڌ لاءِ سر ڏيندڙ سورھين جي قطار ۾ پھريون ھيرو شمار ڪريان ٿو.

(حوالو:سنڌ جا سورما ص:66-67)

# نتيجا

سائين جي ايم سيد جي راجا ڏاهر بابت ڏنل عالمانہ راءِ کانسوءِ وڌيڪ ڪنهن وضاحت جي گنجائش نہ ٿي رهي پر جيڪڏهن هن وقت تائين ڪتاب ۾ آيل مواد مان نتيجا ڪڍجن ٿا تہ اهي وجي هيءُ بيهن ٿا تہ:

(1) راجا ڏاهر سنڌ جو اهو سورمو هو جنهن پنهنجي ملڪ، عزت ۽ قومي بقا ۽ بچاءُ خاطر ٻاهرئين حملي آورن سان سورهيائي سان مقابلو ڪيو.


(2) راجا ڏاهر جي شڪست جو سبب اندروني غدارن جي غدارين کانسواءِ ٻاهران آيل پناهگير سردار علافي تي حد کان وڌيڪ ڀروسو ڪرڻ هو جنهن آخر ۾ ڪيس دوکو ڏنو ۽ پنهنجي عرب حملي آورن جو ساٿ ڏنو.

(3) راجا ڏاهر تي مسلمان تاريخ نويسن پاران لڳنڌڙ الزام محض سندس ڪردارڪشي تي ٻڌل لڳن ٿا. اهي انهن جي ذهن جو اختراع آهن.

# حوالا

نوٽ: هن ڪتابچي جي تياريءَ ۾ هيٺين ڪتابن مان مواد ورتو ويو آهي.

(1) چچ نامو
(2) تاريخ معصومي
(3) سنڌ جا سورما
(4) سنڌ مسلمانن جي فتح ڪان اڳ
(5) سلسليوار تاريخ (اردو) باب الاسلام نمبر


شاه پبلیکیشنز کراچی
شاه پبلیکیشن کراچی
Rs:50/=